حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ جو ترجمان
اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهہ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نت نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو

**سرپرست**
ڊاڪٽر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انڍڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي

ذوالحج ١٤٣٠ هہ مطابق ڊسمبر 2009ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| تعليمات امام شاهہ ولي الله | ادارو | 4 |
| توحيد جو اجراءُ | محمد سليمان طاهر انڍڙ | 6 |
| دين ۽ دنيا جي ورهاست جو نظريو ۽ اسلام | مولانا سيد سليمان ندوي | 9 |
| قرآن مجيد جي اشاعت جو سلسلو | علامه عبدالله منهاس | 11 |
| توحيد ۽ شرڪ | محمد سليمان طاهر انڍڙ | 15 |
| انسانيت ڪي توحيد جي طرف وٺي اچڻ جي عملي صورت | نور احمد ميمڻ | 18 |
| فڪري قوت جي اهميت | مولانا سعيد اڪبر آبادي | 20 |
| بصيرت جون ڳالهيون | محمد سليمان طاهر انڍڙ | 23 |
| دين جي تجديد جي تحريڪ ۽ شاهہ ولي الله | مولانا اخلاق حسين قاسمي | 26 |
| عادل معاشي نظام جي اهميت ۽ ضرورت | مولانا عبداللطيف نانگراج | 29 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 35000278-021 موبائل: 03132707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد ۽ اهڙن ٻين ڪتابن جي ڦهلاءُ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.



# حڪمتِ قرآن

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ هُوَ يُطْعِمُ وَ لَا يُطْعَمُ ؕ قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ
اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٤﴾ قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ
يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ مَنْ يُّصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمَهٗ ؕ وَ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾ وَ اِنْ
يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ؕ وَ اِنْ يَّمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَ
هُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ ؕ وَ هُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١٨﴾

(سوره الانعام ١٤-١٨)

ترجمو: ”اوهان ماڻهن کي چئو تہ ڇا مان الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو ٻيو مددگار پاڻ لاءِ حاصل ڪريان. حالانڪ اهو آسمانن ۽ زمينن جو پيدا ڪندڙ آهي. اهوئي سڀني کي کارائي ٿو ۽ هن کي ڪو بہ نٿو کارائي. اوهان چئو تہ مون کي تہ اهو حڪم ڪيو ويو آهي تہ مان پهريون الله تعاليٰ جو فرمانبردار بڻجان ۽ الله تعاليٰ سان شرڪ ڪندڙن مان نہ ٿيان. توهان چئو تہ مان تہ ڊڄان ٿو ان ڳالهہ کان تہ جيڪڏهن رب پاڪ جي نافرماني ڪيم تہ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڪير بچائيندو. ان حساب واري ڏينهن کان عذاب ٽاريو ويو تہ بي شڪ ان تي رحمت ٿي وئي ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. جيڪڏهن توهان کي الله تعاليٰ ڪا بہ تڪليف پهچائي تہ ڪو بہ ان تڪليف کي هٽائيندڙ ناهي سواءِ ان مقدس ذات جي ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪا بہ ڀلائي پهچي ٿي تہ اهو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. اهو الله تعاليٰ ئي پنهنجن ٻانهن تي هر قسم جي قوت ۽ زور رکندڙ آهي. اهوئي حڪمت وارو ۽ خبردار آهي.“

الله سبحانہ و تعاليٰ جو وجود، ان جي وحدانيت ۽ سندس صفتن ۾ يڪتائي، اهو اسلام جو بنيادي عقيدو ۽ مرڪزي نظريو آهي. قرآن مجيد منطقي مقدمن جو سهارو وٺڻ جي بجاءِ عام سادي طريقي سان انسان جي فطري وجدان ۽ ذوق جي آڌار تي مخاطب ٿيندو آهي. هو انسان جي معنوي احساسن کي جاڳائيندو آهي. هو فرمائي ٿو تہ پالڻهار جي هستي جو عقيدو انسان جي فطرت ۾ موجود آهي. هو جيڪڏهن ڪنهن بہ شيءِ جي پوڇا ڪري ٿو تہ جڻ فطرت کان بغاوت ڪري ٿو. قرآن مجيد انسان کان پڇا ڪري ٿو تہ تنهنجو پالڻهار ڪير آهي؟ تنهنجو ۽ سموري مخلوق جو پيدا ڪندڙ ڪير آهي؟ ڪائنات ۾ متصرف ڪير آهي؟ نافع ۽ ضار ڪير آهي؟ پوءِ اها وڏي گمراهي ليکي ويندي جو خدا پرستي جي بجاءِ مخلوق پرستي ڪئي وڃي.

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

# شعوري عبادت

**حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:**

ان الرجل ليكون من اهل الصلوٰة والصوم والزكوٰة والحج والعمرة حتىٰ ذكر سهام الخير كلها، وما يجزىٰ يوم القيامة الا بقدر عقله (رواه البيهقي في شعب الايمان، رقم الحديث ۴٦۳۷)

ترجمو: يعني ماڻهو بظاهر نماز روزو زڪوة ۽ حج عمري جو عمل ڪري ٿو ايستائين جو پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وآلہ وسلم خير جي سڀني عملن جو ذڪر ڪيو پوءِ پاڻ فرمايائون: پر قيامت جي ڏينهن ماڻهو صرف پهنجي عقل پٽاندڙ ان جو بدلو ماڻيندو."

هن حديث ۾ عقل جو لفظ استعمال ٿيو آهي. هتي عقل مان مراد اها ئي شيءِ آهي جنهن کي شعور (Understanding) چيو وڃي ٿو. حديث جو مطلب هيءَ آهي تہ ماڻهو ذڪر ۽ عبادت جا اعمال ڪري ٿو ليڪن انهن عملن جو انعام ان جي نموني (Form) يا تعداد (Quantity) جي اعتبار ڪان نٿو ڏنو وڃي پر عملن جي اصل اسپرٽ جي اعتبار ڪان ڏنو وڃي ٿو. ماڻهوءَ جنهن شعور جي درجي ۾ خود حوالگيءَ سان عبادت ڪئي هوندي, انهيءَ شعور جي درجي پٽاندڙ سندس عمل جو انعام مقرر ڪيو ويندو.

مثال طور: هڪ ماڻهو عبادت ڪري ٿو پر ان جي عبادت, قرآن جي مطابق سهوَ يا غفلت (Absent mindedness) سان ٿئي ٿي. هاڻي ظاهر ۾ هو عبادتي ڪم ڪري رهيو آهي, ليڪن شعور جي اعتبار سان هو غفلت جي حالت ۾ هوندو آهي. اهڙو ماڻهو غير مطلوب عبادت ڪري رهيو هوندو آهي. ذڪر ۽ عبادت جي الله کي گهربل صورت هيءَ آهي جو قرآن چواڻي, ماڻهو جو هي حال ٿي وڃي جو الله جي ياد سان ان جي دل (جوابدهي جي) خوف ۾ اچي وڃي (الانفال:٢) انهن جي ڪلن جا وار ڪانڊارجي وڃن ٿا (الزمر٢٣) انسان ڌرتي تي الله جو خليفو آهي ۽ امانتدار آهي, انهيءَ ذميداريءَ جي جوابدهيءَ جي انتهائي احساس جي خوف سان الله جي محبوبيت ماڻڻ جا جتن ڪندڙ انسان جي عبادت الله تعاليٰ کي گهربل آهي. اهڙو ماڻهو زنده شعور سان ذڪر ۽ عبادت جو عمل ڪري ٿو. الله وٽ وڏن انعامن جو لهڻيدار بہ اهو انسان بڻبو جنهن اهڙيءَ طرح زنده شعور سان ذڪر ۽ عبادت جو عمل ڪيو هوندو. عبادت جي انهيءَ اعليٰ درجي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ماڻهوءَ کي گهرجي تہ هو پاڻ ۾ خود حوالگيءَ جو احساس پيدا ڪري, پاڻ کي اجاين شين جي مشغوليءَ کان بچائيندو رهي ۽ هميشہ الله تعاليٰ کان پنهنجي ايمان جي ترقيءَ لاءِ هيءَ دعا ڪندو رهي تہ منهنجا الله " مون مان منهنجي مون کي ڪڍي ڦٽي ڪر, رڳو تون ئي تون رهجي وڃ"



## تعليمات امام شاه ولي الله رحمة الله عليه

# شرڪ

شرڪ هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ جون مخصوص صفتون, خدا تعاليٰ کان سواءِ ٻي مخلوق لاءِ تسليم ڪيون وڃن جيئن تہ ڪجهہ صفتون هي آهن.

- ڪائنات ۾ پنهنجي ارادي سان تصرف ڪرڻ
- الله تعاليٰ کي ذاتي علم هجڻ
- نفعو ۽ نقصان پهچائڻ جي طاقت رکڻ
- رحمت ڪرڻ ۽ ملعون بڻائڻ جي سگهہ رکڻ

اهي سڀ الله تعاليٰ جون مخصوص صفتون آهن. انهن ۾ ساڻس ڪوبہ ڀائيوار ڪونهي. (امام شاه ولي الله دهلوي رحہ)

### الله تعاليٰ جو حڪمت ڀريو قانون

هن عالم ڪائنات ۾ جيڪو بہ نظام پيدا ٿيو آهي يعني مختلف شيون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي هڪ نظام هيٺ رهڻ شروع ٿيون آهن. ان نظام ۾ جيتري قدر صلاحيت ۽ لياقت آهي پوءِ اها ان کي اصلي هجي يا بعد ۾ ان حاصل ڪئي هجي, الله تعاليٰ ان نظام جي سندس صلاحيت ۽ لياقت مطابق مدد ڪندو آهي هي الله تعاليٰ جو هڪ "شان" آهي. هي ان جو قانون ۽ ان جي عنايت آهي. ان اصول هيٺ توهان انسان کي ڏسو انسان بہ هڪ اهڙي نظام جو نالو آهي جيڪڏهن هو پاڻ ۾ حيواني ڪيفيتون وڌيڪ ٿو پيدا ڪري تہ ان جي پورائي لاءِ جيڪي شيون گهربل هونديون سي عنايت الاهي سان ان کي ميسر ڪيون وينديون. جيڪڏهن هو پاڻ ۾ فرشتن واريون ڪيفيتون پيدا ٿو ڪري تہ ڪيس ان مطابق گهربل شيون ميسر ڪري ڏنيون وينديون. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو (سوره الليل) ان کان پوءِ جيڪو شخص جان مال صلاحيتون ۽ دولت ڏئي ٿو انصاف جي قانون جي پيروي ڪري ٿو ۽ صحيح ڳالهہ مڃي ٿو تہ ان لاءِ اسان آسان رستو مهيا ڪري ڏينداسون. پر جيڪو انسان بخل ڪري ٿو ۽ انصاف جي قانون کان بي پرواهي ڪري ٿو ۽ صحيح ڳالهہ کي ڪوڙ سمجهي ٿو تہ ان کي ڏکئي رستي تي هلائي ڇڏينداسون. وڌيڪ فرمايو ويو تہ كُلًّا نُمِدُّ الخ اسان ٻنهي قسمن جي جماعتن جي مدد ڪندا آهيون. انهن لاءِ اها مدد الله تعاليٰ جي طرفان عنايت آهي ۽ الله تعاليٰ جي عنايت ڪنهن کان روڪي نٿي سگهجي. (امام شاه ولي الله دهلوي رحہ)

## امام حماد الله هاليجوي رحمة الله عليه فرمايو....

### ڪافر ۽ مشرڪ

منافق ۽ ڪافر جي دل ۾ وحي ۽ ڪتاب تي ايمان نہ هوندو آهي ۽ نہ ان تي ڀروسو هوندو آهي. مشرڪ جي دل ۾ الله تعاليٰ جي عزت نہ هوندي آهي. انسان الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ غور ڪري تہ سج، چنڊ، تارا، آسمان، زمين ڪنهن جا پيدا ڪيل آهن. زمين جو ننڍو سَلو ڪنهن پيدا ڪيو آهي. پکين، دريائن، چوپاين، مڇين ۽ ننڍي شيءِ جيڪا ڪُت آهي انهن کي وجود ڪنهن بخشيو. انسان جي وجود جي سَڀن اعضائن کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ انسان جي وجود ۾ وارَ آهن، ننڍي کان ننڍو وار بہ ڪنهن ٻي هستي مثلاً نبي، ولي، ملائڪ، پير، فقير پيدا ڪيو آهي؟ هر گز نہ! دنيا ۾ ڪنهن بہ هستي جي مخلوق نظر ئي ڪانہ ٿي اچي، سڀ ۾ تصرف صرف ان جو آهي. انسان وري اهڙو آهي جو ايڏا تصرفات ڏسي، ان تان دل ڪٽي ٻين تي ٿو رکي؟ حاجتن ۾ رب کي ڇڏي ٻين کي ٿو سڏي، ۽ ٻين کي تہ ڇڏيو پر انسان پنهنجي توهمات تي ٻيهي ٿو رهي. شادين ۽ غمين ۾ انسان سنوڻ ساٺ ٿا ڪن تڏهن ٿو ڪين اطمينان اچي.

اهڙيءَ طرح مشرڪ کي جيتري قدر شرڪي ڳالهين ۾ قرار ملندو آهي اوترو الله سائين کان پري ويندو. ان ڪري مشرڪ تي قرآن ۾ وڏي مار آهي. (خطبات هاليجوي)

## امام انقلاب عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه فرمايو...

### اصلاح جون ڪاوشون

جڏهن مسلمانن جي عروج جو دور هيو ۽ سندن فڪر ۽ عمل جي صلاحيتن ۾ زندگي، سگهہ ۽ حوصلو هو. تہ انهن پاڻ بہ نون نون علمن جي تخليق ڪئي تہ ٻين کان بہ علم حاصل ڪيا. انهن علمن کي ڇنڊيو ۽ ڇاڻيو. انهن جي غلطين جي اصلاح ڪيائون انهن علمن کي پنهنجو بڻائي سڄي دنيا ۾ انهن جي اشاعت بہ ڪيائون. پر عروج جي دور کان پوءِ جڏهن سندن زوال شروع ٿيو تہ شروعات ۾ سندن تمام وڏي اڪثريت کي پنهنجي ان زوال جو احساس بہ ڪونہ هو. اها ورهين جا ورهيہ زوال ۾ ڏڪبي رهي. مگر هڪ گروه کي، جيڪو ڳاڻاٽي ۾ ڪٽي تمام ٿورو هو پر ان کي زوال جو هر دور ۾ احساس رهيو. زوال جي ان وهڪري آڏو هنن بند ٻڌڻ جون ڪوششون بہ ڪيون. ان گروهہ ۾ وڏا وڏا ڪامل ۽ بزرگ پيدا ٿيا ۽ انهن مسلمانن جي اصلاح لاءِ پنهنجي پنهنجي زماني ۾ وڏيون ڪاوشون ڪيون. اصلاح جون ڪاوشون اڄ تائين جاري آهن. مصلحين جو هي گروهہ لڳاتار ان ڏن ۾ لڳل آهي تہ مسلمان ڪيئن زوال جي انهيءَ وڪڙ مان نڪري ٻيهر ترقي ۽ عروج تي هلڻ جي قابل ٿي پون. (امام عبيدالله سنڌي رحہ)



ايڊيٽوريل

# ”توحيد“ جو اجراء

قرآن مجيد، جيڪو وحي الاهي ۽ ڪلام الاهي آهي، انسانن جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ بنيادي ماخذ آهي هن ڪتاب ذريعي انسانن کي خالص توحيد جو پيغام ڏنو ويو آهي. سڀني نبين، پيغمبرن، ڪتابن ۽ صحيفن ذريعي هڪ گڏيل تعليم ڏني وئي. اها تعليم توحيد جي هئي. انسان جو خدا سان رابطو ۽ تعلق ڪهڙي قسم جو هجڻ گهرجي ۽ الله تعاليٰ انسان کي ڪهڙي صورت ۾ ڏسڻ گهري ٿو. الله تعاليٰ جو مطلوب انسان ڪهڙو آهي؟ انسان هن دنيا ۾ پيدا ٿيو. سندس پرورش جا انتظام پهريائين ڪيا ويا. ڪيس ڪنهن پيدا ڪيو ۽ سندس ربَ (پاليندڙ) ڪير آهي. پوءِ سندس زندگي ۾ سنڀاليندڙ ۽ تصرف ڪرڻ وارو ڪير آهي؟ الله تعاليٰ جون صفتون انسان ۾ ڪهڙي طرح جلوهہ گر آهن. الله سبحانهُ وتعاليٰ جي ذات مقدس ۽ سندس صفتن تي ايمان جي معنيٰ اها آهي تہ سندس ذات ۽ صفتن انسان کي ڪهڙي طرح پنهنجي اختيار ۽ مشيت جي گهيري ۾ ورتو آهي ۽ انسان ڪيتري قدر صفات الاهي سان پاڻ کي سينگاري چڪو آهي. (تخلقوا بِاخلاقِ الله)

انسان هڪ هڪ صفت تي ايمان آڻي ٿو. انهن صفتن جي مرڪزيت صرف خدا تعاليٰ وٽ آهي، انهن صفتن ۾ سندس ڪوبہ شريڪ ڀائيوار ۽ حصيدار نہ آهي ۽ هو وحده لاشريڪ آهي. پنهنجي علم، رحم، ڪرم، عطا، عفو حلم، شجاعت ۽ ٻين صفتن سان جزوي طرح جنهن بہ ٻانهي کي نوازي تہ هو هر شيءِ تي قادر آهي. سندس مخلوق مان ڪنهن شخصيت تي الله تعاليٰ جي بعض صفتن جو ظهور ڏسي، ڪيترائي ماڻهو هر زماني ۾ گمراهہ ٿيندا رهيا ۽ هو اهڙن ٻانهن کي يا مخلوق جي ڪنهن ٻي شيءِ کي غيرمعمولي سمجهي، انهن کي رب، معبود ۽ مختار يا نافع ۽ ضار تسيلم ڪندا رهيا ۽ خدا تي ايمان رکڻ سان گڏ شرڪ ۾ بہ مبتلا رهيا.

وَمَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَهُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿١٠٦﴾ (سوره يوسف- ١٠٦)

گهڻا ماڻهو خدا تعاليٰ تي ايمان آڻين ٿا پر ان سان گڏ هو مشرڪ بہ آهن.

الله تعاليٰ جي صفتن جي ذات قدوس ۾ مرڪزيت تسليم نہ ڪرڻ ۽ انهن صفتن ۾ مخلوق مان ڪنهن بہ شيءِ کي حصي دار سمجهڻ شرڪ آهي. الله

تعاليٰ هن دنيا ۾ انسانن جي ربّ هئڻ جو اعلان ڪيو آهي. دنيا جي سيني پيداواري وسيلن ۽ ذريعن کي سمورن انسانن لاءِ تابع ۽ مُسخر بڻايو آهي. ان ۾ سمورا انسان حصو ۽ حق رکن ٿا. اهڙو ربوبيت جو نظام ناهيو وڃي ۽ انصاف سان هلايو وڃي جو هر هڪ انسان جي ڪفالت ٿيندي رهي. ڪوبہ انسان رزق جي معاملي ۾ محروم نہ رهجي وڃي. جيڪڏهن وسيلن تي ڪجهہ انسان قابض آهن يا ڏاڍ سان انسانن کي بک ۽ افلاس سان زندگي گهارڻ تي مجبور ڪن ٿا تہ اهو هڪ شرڪ جو نظام آهي ۽ اهو معاشرو مشرڪانہ ليکيو ويندو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو فرد، خاندان يا ٽولو انسانن جي گردنن تي مسلط ٿي حڪمران بڻجي وڃي ٿو ۽ انهن تي ظالمانہ حڪم لاڳو ٿو ڪري، پاڻ آقا بڻجي باقي ماڻهن کي غلام بڻجڻ تي مجبور ٿو ڪري تہ اهو معاشرو بہ مشرڪانہ سمجهيو ويندو ان طرح عبادت، بندگي ۽ احتياجي بہ خدا کان سواءِ ڪنهن مخلوق جي ڪئي ويندي تہ ان کي بہ مشرڪانہ عمل قرار ڏنو ويندو.

ان طرح اڄ مسلمانن جا معاشرا شرڪ جي تصوير پيش ڪري رهيا آهن. مخلوق کي غلام بڻائي انهن تي حڪمراني ڪئي پئي وڃي، پيداواري وسيلن تي اهي حڪمران ۽ انهن جا ساٿاري قابض آهن ۽ عوام کي بک ۽ بدحالي ڏانهن ڌڪيو ويو آهي ۽ مخلوق کي خدائي اختيار سونپي انهن جي عبادت ڪئي پئي وڃي. شرڪ ۽ بت پرستي جي اهڙي طاغوتي نظام ۽ ناپاڪ معاشري کي تبديل ڪرڻ حامل قرآن امت لاءِ نهايت ضروري آهي. ان سلسلي ۾ قرآن مجيد جي تعليم ۽ پيغام کي سمجهڻ پهريون قدم آهي. قرآن مجيد کي سمجهي پڙهڻ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ تدبّرڪرڻ اسان جو هدف هئڻ گهرجي. مسلم امت جي سجاڳي ۽ سندن بيهر اٿڻ ۾ قرآن مجيد جو شعور حاصل ڪرڻ بنيادي حيثيت رکي ٿو. قرآن مجيد پهرين دور جي امت جو اصلاح ڪري کين دنيا جي امامت جون واڳون حوالي ڪيون تہ اڄ بہ هن دور جي بگڙيل امت کي ساڳي طرح اصلاح ڪري فلاح انسانيت جي منزل حاصل ٿي سگهي ٿي. (لَنْ يصلح آخر هَذِهِ الأمّة اِلاّ بِما صَلح بِها اَوّلها) هن امت جي نئين نسل جي تربيت قرآن مجيد جي ذريعي ڪري هڪ صالح معاشرو اڏي سگهجي ٿو. ان راهہ ۾ شروعات "حڪمت قرآن انسٽي ٽيوٽ" جو قيام آهي. هي ادارو جيڪو ڪراچي ۾ قائد آباد جي ويجهو نيشنل هاءِ وي تي جڙيل آهي ان ۾ قرآن مجيد جي شعور، فڪر ۽ تدبر ڪرڻ جا ٽي ڪورس تيار ڪيا ويا آهن. انهن ۾ داخلا شروع ٿي وئي آهي. اسان جو عزم آهي تہ انهن ڪورسن ذريعي امت مسلمہ ۾ قرآن جو شعور ۽ پيغام اجاگر ڪيو وڃي. ان سان گڏ هڪ ماهوار قرآن جو پيغام، سنڌي ٻولي ۾، قرآن ۽ اسلام جي تعليمات تي ٻڌل عام ماڻهن تائين بہ پهچايو وڃي. ان ماهوار رسالي



جيڪو "توحيد" جي پياري نالي سان موسوم آهي اهو بہ اوهان وٽ هر مهيني ۾ پهچندو رهندو. "توحيد" کي اوهان پاڻ بہ پڙهو هر مسلمان جي هٿن تائين پهچايو. انهن جي دل ۽ دماغ کي قرآن مجيد جي نور سان روشن ڪيو ۽ "توحيد" جا داعي بڻجي ڪار نبوت جي انهيءَ عظيم مشن جا ساٿاري بڻجي وڃو. شايد انهيءَ عمل ذريعي اسان جي مغفرت ٿي وڃي ۽ خداوند قدوس وٽ اسان "موحّدين" جي زمري ۾ شامل ٿي وڃون. قيامت جي ڏينهن اها صدا اسان جي ڪنن تائين پهچي وڃي.

*توحید تو یہ ہے کہ خدا حشر میں کہہ دے*
*یہ بندہ دو عالم سے خفا میرے لئے ہے۔*

## الله جي الوهيت ۾ اطاعت

قرآن هن ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ هر طرح جي عبادت ۽ نوڙت جي مستحق صرف الله جي ذات آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان ٻانهپ واري نوڙت، نياز ۽ پڪار سان ڪنهن ٻيءَ هستيءَ آڏو متوجهڪايو تہ توحيد الاهي جو عقيدو باقي نہ رهيو. قرآن چوي ٿو تہ "اها ذات ئي آهي جيڪا انسانن جي سڏ کي ٻڌي ٿي ۽ انهن جي دعائن کي قبول ڪري ٿي." پوءِ جيڪڏهن توهان پنهنجي دعائن ۽ خواهشن جي طلب ۾ ڪنهن ٻيءَ هستيءَ کي ان جو شريڪ بڻايو تہ چڻ اوهان ان کي خدا جي خدائيءَ ۾ شريڪ بڻايو ۽ توهان جو توحيد وارو عقيدو لڙهي ناس ٿي ويو.

اهو سبب آهي تہ مسلمانن کي پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ روزانو پنج وقتن جي نماز واري حاضريءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا وري وري ڪائنن هي اقرار ڪرايو ويندو آهي تہ: اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنَ.(اسين رڳو تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ اڪيلو توکان ئي مدد گهرون ٿا.)

اهڙي طرح مسلمانن کي ڪلمي جي اقرار ذريعي سڀ کان پهريون جيڪو انڪار ڪرايو ويو آهي. اهو انڪار غير جي عبديت، ٻانهپ ۽ غلاميءَ جي سيني قسمن کان جان خلاصي ڪرائڻ جو انڪار آهي. لاالہ جي انڪار ۾ پنهنجي وهمن جي انڪار کان وٺي ٻانهپ ۽ غلاميءَ جي سيني شڪلين جي انڪار جو اعلان ۽ بغاوت آهي ۽ جڏهن اهڙي طرح ذهن صاف ٿي وڃي تہ پوءِ ان تي هڪ نئين عمارت اڏي وڃي. يعني هن ڳالهہ جو اقرار تہ صرف ئي الله جي قوت آهي جنهن جي آڏو سيس نوائي وڃي، جنهن جي اطاعت ڪئي وڃي.

مولانا سيد سليمان ندوي رحه
سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو

# دين ۽ دنيا جي ورهاست جو نظريو ۽ اسلام

جن تمام وڏين غلطين ۾ اڳوڻن مذهبن جا پيروڪار مبتلا هئا انهن مان هڪ هيءَ به هئي ته دين ۽ دنيا ٻه مختلف شيون آهن ۽ ٻنهي جو دائرو ڌار ڌار آهي. جيڪو ماڻهو دين اختيار ڪندو اهو دنيا کان جدا ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو دنيا ۽ اسباب دنيا تي نظر وجهندو اهي ته ان جي هٿن مان دين نڪري ويندو آهي. اُهو خيال جيتوڻيڪ ايران، هندستان چين ۽ ٻين اوڀارين ملڪن ۾ عملي طور رائج ٿيو هو مذهبي عبادتگاهن جي راهبن ۽ بادشاهن جي زندگيءَ جون حدون ۽ عملي دائرن ۾ اهڙو خلا قائم ٿي چڪو هو جو ٻنهي جو گڏجڻ ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار تقريباً ناممڪن بڻجي ويو هو. تنهن هوندي به ان سلسلي ۾ ڏيان جوڳيون اُهي قومون هيون جيڪي پاڻ کي آسماني صحيفن جي پيروڪار ۽ نبين جون مخاطب سمجهنديون هيون. هندو ٻڌ، ڪنفوشسي ۽ زرتستي نقطہ نظر جي حوالي سان غور جي قابل اهو تخيل هو جنهن ۾ انسانن جي اهڙي ورڇ ڪئي وئي هئي جو انهن مان ڪي دين جا ڪارڪن هئا ۽ ڪي دنيا جا هندن ۾ برهمڻ دين لاءِ، راجپوت بادشاهيءَ لاءِ وئش واپار ۽ زميندارِيءَ لاءِ ۽ شودر محنت ۽ مزدوريءَ لاءِ هئا. انهن جي عمرين ۾ به تقسيم ڪئي وئي هئي. ته ٿيهہ ورهيہ تعليم لاءِ، ٿيهہ ورهيہ ڪمائڻ لاءِ ۽ ٿيهہ ورهيہ عبادت لاءِ ٻڌڌرم ۾ ٻوڌي ۽ ڀڪشو ڌار ڌار هئا. ڀڪشو رڳو ڌرم جي سيوا ڪندا هئا ۽ دنيادار الڳ هئا جيڪي دنيا جو ڪارونهوار هلائيندا هئا ۽ مٿن ڀڪشن جي سمورن خرچن جو بارهيو.

يهودين ۾ لاوي دين جا ڪاهِن هئا، ڪين دنيا جي ڪمن کان ڌار ڪيو ويو هو ۽ خانداني ورثي کان پڻ محروم هئا. چاڪاڻ ته اُهي دنيا جون شيون هيون ۽ باقي دنيادار ماڻهو هئا. عيسائين ان فرق ۽ ويڇي جي پٽ کي اجا وڌيڪ اونچو ڪيو. انهن ته خدا ۽ قيصر پنهنجا ٻہ حڪمران فرض ڪري ورتا هئا ۽ چيائون ته جيڪو (مال) خدا جو آهي اُهو خدا کي ڏيو ۽ جيڪو قيصر جو آهي اهو قيصر کي ڏيو.

يهودين ۽ نصارن اُن غلط خيال پٽاندڙ هلڻ جي جئين ڪوشش ڪئي ان جي عملي شڪل ٻن متضاد طريقن سان ظاهر ٿي. يعني يهودين آخرت جو مقصد دنيا کي سمجهيو ۽ نصارن آخرت کي. يهودين جي حڪومت ۽ بادشاهت مال ۽ دولت ۽ وياجي ڪاروبار تي مشتمل هئي. ان جي ابتڙ نصارن دنياوي



اسبابن کي مرڳو هٿ ئي نہ لاٿو ۽ هر نعمت کي آسماني بادشاهت ۾ تلاش ڪندا رهيا. انهن زندگيءَ جو راهبانہ طريقو ۽ زاهدانہ طرز معيشت اختيار ڪئي.

پر جڏهن پاڻ سڳورن صہ جي ذريعي اسلام آيو ته اُن دنيا جي اُن قديم غلط فهميءَ کي دور ڪيو ۽ ٻڌايو ته اُهي ٻئي شيون ٻہ، نہ پر هڪ آهن. دين دنيا آهي ۽ دنيا دين آهي. دين ۾ جڏهن نفساني خواهشون شامل ٿين ته دنيا ٿي پوندو اهي ۽ دنيا ۾ خدائي حڪمن جي پيروي مقصد هجي ته دين بڻجي پوندو آهي. اهڙيءَ ريت جيڪا شيءِ انهن ٻنهي جي وچ ۾ سنڌو ۽ فرق ناهي ٿي اُهو انسان جو نقطہ نظر (خيال) آهي، جيڪڏهن اهو صحيح هجي ته هيءَ حد بہ قائم رهندي آهي ۽ ٻئي شيون هڪ ٿي پونديون آهن. اُها ئي حڪومت ۽ بادشاهت جنهن کي دنيا چيو ٿو وڃي جيڪڏهن اها خدا جي مرضيءَ لاءِ ڪئي وڃي ته دين بڻجي پوندي آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جن ان کي عملي شڪل ۾ هن ريت اسان کي ٻڌايو جو سندن نماز، روزو، حج، زڪوات، رات جي عبادت، قرآن جي تلاوت، تبليغ، غزوات ۽ فتحون سلطنت جا ڪم ڪار مطلب ته پاڻ صہ جي سيرت جو هڪ هڪ واقعو دين بہ هيو ته دنيا بہ. پاڻ صہ کان پوءِ خليفن ۽ صحابہ رضوان الله عليهم پڻ ان نڪتي کي واضح ڪيو ۽ سندن سمورن ڪارنامن جي اندر اهوئي روح نظر آيو جيڪو دين ۽ دنيا جي ميلاپ سان پيدا ٿيو هو. جيڪو قرآن پاڪ جي مرضيءَ پٽاندڙ هيو. قرآن مجيد ڪيترن ئي آيتن ۾ انساني عملن جي بدلي کي دنيا ۽ آخرت ٻنهي سان لاڳاپيل فرمايو آهي.

پر جڏهن کان اُن نقطہ نظر ۾ تبديلي آئي آهي. مسلمانن جي ڪمن جو رنگ مٽجي ويو آهي ۽ منجهن اسلام بدران يهودين ۽ نصرانين جو رنگ ظاهر ٿيڻ لڳو. اڄ مسلمان قومون يا ته يهودي تخيل جو شڪار آهن يا عيسوي تخيل جو. محمدي دعوت گهڻو ڪري سندن نظرن کان اوجهل آهي. اڄ مسجد جو ممبر ۽ حڪومتي تخت ڌار ڌار آهي ۽ فوجي سپهہ سالار ۽ نماز جو امام بہ الڳ ٽولا آهن، جيتوڻيڪ اسان جو ممبر ۽ تخت هڪ هيو ۽ اسان جو سپهہ سالار ئي اسان جي نماز جو امام هوندو هو اڄ مسلمان، حڪومت ۽ بادشاهت، واپار ۽ ڪمائي ۽ تعليم ۽ هنر کي دنيا جو ڪم ۽ فقط نماز روزي ۽ تسبيح ۽ وظيفي پڙهڻ کي دين جو ڪم سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ نيت صحيح هجي ته هر دنياوي جدوجهد، هر سياسي هلچل ۽ فڪر هر تعليمي عمل ۽ خدمت، هر واپاري ڪم ۽ ڪاروبار، صنعتي ترقي ۽ ايجاد ۽ دريافت سراسر دين آهي ۽ نيت صحيح نہ هجي ته سڄي رات جي نماز ۽ سڄي ڏينهن جي عبادت بيڪار آهي.

مسلمان محمد رسول الله صہ جي ان تعليم کي هڪ عرصي کان فراموش ڪري ڇڏيو آهي، انهن بہ دين ۽ دنيا جون حدون مقرر ڪري ڇڏيون آهن.

# قرآن مجيد جي اشاعت جو سلسلو

قرآن مجيد انهيءَ خدا تعاليٰ جي ڪلام کي چئبو آهي جيڪو حضرت سيدنا محمد ﷺ جن تي رسالت جي زماني ۾ ٽيويهن سالن جي عرصي ۾ مختلف وقتن تي جبريل امين جي ذريعي نازل ٿيندو رهيو. ”قرآن مجيد جي سنڀال جو ذمو الله تعاليٰ پاڻ کنيو.“ سندس مشيت ۽ ارادي کي پوري ڪرڻ لاءِ سرڪار رسالت مآب ﷺ جن جي هدايت هيٺ ڪلام الله جي حفاظت ٻن طريقن سان ڪئي وئي: (1) حفظ (ياد ڪرڻ) (2) لکت. قرآن مجيد جو جيڪو ’حصو‘ نازل ٿيندو هيو ان کي صحابہ ڪرام رضہ ياد ڪندا ويندا هئا ۽ ان کي لکي بہ ڇڏيندا هئا. اهو ئي سبب آهي تہ ان وقت ئي سون جي ڳاڻاٽي ۾ قرآن مجيد کي ياد ڪندڙ (حفاظ) پيدا ٿي ويا. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت جي دور ۾ ڪوڙن نبين جي مقابلي ۾ جيڪا جنگ لڳي هئي ان ۾ ئي ستر قرآن مجيد جا حافظ شهيد ٿي ويا.

اهو اهڙو الميو هو جو اهي حافظ قرآن فقط الفاظ کي ياد ڪندڙ ئي نہ هئا بلڪ قرآن ميجد جي پيغام، مقصد ۽ هدايت جا بہ علمبردار هئا. انهن پاڪ هستين جو اهو نصب العين هوندو هيو تہ هو جڏهن ڏهن آيتن کي ياد ڪندا هئا تہ جيستائين انهن جو عملي تفسير نہ بڻجن تيستائين وڌيڪ ياد نہ ڪندا هئا. ان طرح اهي شخصيتون حامل قرآن ۽ عامل قرآن بڻيل هئا.

## قرآن مجيد جي لکت

قرآن مجيد جي آيتن جي لکت جو زياده ڪم سيدنا عثمان ذوالنورين رضي الله عنه ۽ سيدنا علي ڪرم الله وجهه جي حوالي هيو. سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه بہ ان عمل ۾ شريڪ ٿيندو هيو. ڪن ٻين صحابہ ڪرام رضہ کي بہ اها سعادت حاصل ٿي هئي. ڪي اصحاب ر سول ﷺ پنهنجي طور تي بہ قرآن مجيد لکي پاڻ وٽ محفوظ ڪندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان نعمت کي عام ڪرڻ لاءِ فرمائي چڪا هئا تہ اوهان ۾ پيارو انسان اهو آهي جيڪو پاڻ قرآن پڙهي ۽ ٻين کي سيکاري.

سندن فرمان پنهنجي گورنرن ۽ مبلغن لاءِ اهو هيو تہ هو ”تعليم قرآن“ کي اهميت ڏين ۽ امت مسلمہ جي فلاح لاءِ قرآن مجيد جي تعليم کي بنيادي حيثيت ڏين. جڏهن سيدنا معاذ بن جبل رضي الله عنه کي يمن جو قاضي بڻائي موڪليو ويو تہ



کيس هدايت ڪئي وئي. تہ ماڻهن کي قرآن ۽ اسلام جي بنيادي علم کان واقف ڪجانءِ. جيڪو شخص بهترين قرآن جي علم ۽ عمل سان سينگارجي وڃي تہ ان کي فوج جو سپهہ سالار بڻايو وڃي.

سندن عام فرمان هيو تہ قوم جو اڳواڻ اهو هجي جيڪو سڀ کان وڌيڪ قرآن مجيد جو ڄاڻندڙ هجي. لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ حضرت معلم انسانيت ﷺ جو اهو رويو هيو جو انهن بدر جي جنگ ۾ قيدي بڻجي آيل پڙهيل ماڻهن تي اهو آزادي جو فديو مقرر ڪيو تہ هو ڏهن مسلمانن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارين. قرآن مجيد جي لکت لاءِ شروعات ۾ رڳو چمڙي جا ورق استعمال ٿيندا هيا. پر پوءِ ٻيون شيون بہ استعمال ٿيڻ لڳيون. جيئن تہ پٿر جون تختيون، کجين جي شاخ جون پتڙيون، پالان جون لڪڙيون، اٺ ۽ ٻڪري جون هڏيون وغيره.

## قرآن هڪ جلد ۾:

پيغمبر اسلام ﷺ جن جي حياتي مبارڪ ۾ ئي قرآن مجيد سمورو لکت ۾ تيار ٿي چڪو هو. مگر ان کي هڪ جلد ۾ گڏ ڪرڻ جو ڪم، سندن وصال کان پوءِ عمل ۾ آيو. جنگ يمامہ ۾ ستر حافظن جي شهادت کان پوءِ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه کي قرآن مجيد جي حفاظت جي سلسلي ۾ انديشو پيدا ٿيو. اها تحريڪ سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه جي آڏو آندي وئي ۽ پوءِ ڪجهہ غور ۽ فڪر سان ان ڪم کي قرآن جي هڪ وڏي ڄاڻو صحابي سيدنا زيد بن ثابت انصاري رضي الله عنه جي حوالي ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح قرآن مجيد هڪ جلد ۾ منتقل ٿي ويو.

## فاروقي دور:

سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ قرآن مجيد جي تعليم کي وڌايو ويو هو پاڻ بازارن ۾ ويندا هئا. ماڻهن کي قرآن پڙهي ٻڌائيندا هئا. سمورا فيصلا قرآن مجيد ذريعي ڪندا هئا. سندن دور ۾ حافظن ۽ قرآن پڙهندڙن جا وظيفا مقرر ڪيا ويا. ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ قرآن مجيد جي تعليم لازمي قرار ڏني وئي. ابوسفيان بن حرب کي مقرر ڪيو ويو تہ هو قبيلن ۾ وڃي هر شخص جو امتحان وٺي تہ هو قرآن مجيد جي درست تلاوت ڪري ٿو يا نہ!

جيڪڏهن ڪنهن کي قرآن مجيد جي هڪ آيت بہ ياد نہ هوندي هئي تہ ان کي سزا ڏني ويندي هئي. سيدنا عمر رضي الله عنه هر ملڪ ۾ قرآن مجيد جا معلم (سيکاريندڙ) مقرر ڪيا جن جو ذمو هيو تہ نون مسلمانن کي قرآن مجيد سيکارين ۽ قرآن مجيد جي تعليم سان سينگارين. سيدنا عمر رضي الله عنه شام جي مسلمانن لاءِ ٽن صحابن کي تعليم قرآن لاءِ مقرر ڪيو جيڪي حمص، دمشق ۽ فسلطين ۾ درس تدريس ڪندا هئا. قرآن پڙهڻ وارن لاءِ شروعات ۾ وظيفا بہ مقرر

ٿيا. فوجن لاءِ قرآن مجيد جو سکڻ لازمي قرار ڏنو ويو. گورنرن کي حڪم مليو تہ فوجن کي قرآن مجيد جو حفظ ڪرايو وڃي. سيدنا سعد بن ابي وقاص ؓ جي فوج ۾ ٽي سو حافظ قرآن هئا حضرت عمر فاروق ؓ قرآن مجيد جي لفظن جي صحت ۽ اعراب جي بہ تعليم ڏياريندا هئا بلڪ ادب ۽ عربيت جي بہ تعليم لازمي ڪئي هئي تان تہ قرآن مجيد کي سٺي طرح پڑهيو ۽ سمجهيو وڃي ان ڪري امام شاہ ولي الله دهلوي ؒ جن لکيو آهي تہ

”اڄ جي دور ۾ جيڪي مسلمان قرآن مجيد پڙهن ٿا اهي فاروق اعظم ؓ جي احسانن جا مرهون منت آهن.

## قرآن مجيد جو پهريون نسخو:

قرآن مجيد جو هڪ جلد ۾ مدوّن ٿيڻ کان پوءِ هميشه لاءِ ۽ قيامت تائين قرآن مجيد ضائع ٿيڻ کان محفوظ ٿي ويو ۽ حفاظت خداوندي جو واعدو پورو ٿيو.

قرآن مجيد جو پهريون مدوّن نسخو سيدنا ابوبڪر صديق ؓ وٽ محفوظ رهيو. ان کان پوءِ سيدنا عمر فاروق ؓ جي حوالي ٿيو. سندن وفات کان پوءِ ام المؤمنين سيّده حفصہ وٽ منتقل ٿيو. حضرت عثمان ذي النورين ؓ خليفو ٿيو تہ اهو نسخو انهن وٽ آيو. سن 25 هجري ۾ ان نسخي جون 7 ڪاپيون نقل ڪري مختلف صوبن ڏانهن موڪليون ويون. لکت ۾ قريش جي زبان کي قائم رکيو ويو اها ئي قرات پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي هئي. ٻين قرائتن کي ڇڏيو ويو تان تہ تحريف ۽ اختلاف جو انديشو ختم ٿي وڃي.

سيدنا عثمان ذي النورين جامع القرآن نہ هيو جيئن عام طرح مشهور آهي بلڪ هڪ مدوّن ٿيل نسخي جي اشاعت سندس دور ۾ ٿي ۽ باقي نسخن کي ترڪ ڪرڻ جي هن هدايت جاري فرمائي. ان سان تحريف جو فتنو ڪڏهن بہ نہ اڀري سگهيو. اسان هينئر جيڪو قرآن مجيد پڙهي رهيا آهيون يا اسان جي سامهون موجود آهي اهو ساڳيو هو بهو اهو قرآن مجيد آهي جيڪو الله تعاليٰ جي آخري پيغمبر ﷺ تي نازل ٿيو صديق اڪبر ؓ جي زماني ۾ مدوّن ٿيو ۽ ذوالنورين ؓ جي عهد ۾ جنهن جي اشاعت ٿي.

حضرت عثمان ؓ جي دور ۾ هڪ نسخو مديني منوره ۾ رکيو ويو. ٻيا جلد مڪي، شام، يمن، بحرين، بصره ۽ ڪوفي ڏانهن اماڻيا ويا. دمشق ۾ ان مصحف کي ابوالقاسم سبتي 657هہ ۾ جامع دمشق ۾ ڏٺو عبدالملڪ جو بيان آهي تہ هن 735هہ ۾ اهو مصحف دمشق ۾ ڏٺو.

سلطان عبدالمجيد جي زماني ۾ جامع مسجد دمشق ۾ باهہ لڳي تہ ان ۾ اهو نسخو سڙي ويو. مدينہ منوره ۾ رکيل مصحف 735هہ تائين موجود هيو. ان جي پٺ تي هيءَ عبارت لکيل هئي.



”هن مصحف تي صحابہ ڪرام رضہ جو اتفاق آهي انهن ۾ زيد بن ثابت ؓ، عبدالله بن زبير ؓ ۽ سعيد بن العاص ؓ شامل آهن ۽ ان کان پوءِ ٻين جا نالا هئا. مڪة المڪرّمہ جو نسخو بہ 735 هہ تائين موجود هيو.

هڪ روايت هيءَ بہ آهي تہ سيدنا عثمان ذي النورين جنهن مصحف جي تلاوت ڪندي شهادت حاصل ڪئي اهو نسخو هڪ عرصي تائين بني اميه وٽ رهيو پوءِ اهو نسخو اندلس پهتو. اندلس ۾ حڪومت جي خاتمي کان پوءِ مراڪش ۾ آيو. ابن بطوطہ جي روايت مطابق اهو نسخو اٺين صدي هجري تائين جامعہ بصره ۾ هيو ان تي خليفي جي خون جا نشان چٽي طرح موجود هئا اهو نسخو 1904ع ۾ بخارا کان روس پهتو ۽ ماسڪو ۾ موجود هو. اتان وري بخارا آندو ويو. 1923ع ۾ ٻيهر ان کي ماسڪو ۾ آندو ويو قاهره جي اخبار ”وادي النيل“ ۾ انهن تبرڪات جي فهرست شائع ٿي آهي جيڪي ترڪي ۾ سلطان سليم اول جي حوالي ڪيون ويون انهن ۾ هڪ قرآن مجيد جو نسخو سيدنا عثمان ؓ وارو، هڪ نسخو سيدنا علي ابن ابي طالب ؓ جو ۽ هڪ نسخو سيدنا زين العابدين بن امام حسين ؓ جو لکيل آهي. سيدنا علي ابن ابي طالب ؓ جي نسخي جي ڪاپي مشهد مقدس ۾ محفوظ آهي ان تي سندس دستخط بہ آهن.

چون ٿا تہ قرآن مجيد جا چند ورق سيدنا علي ؓ جي هٿ جا لکيل شاهي مسجد لاهور ۾ بہ موجود آهن.

1930ع ۾ ايران جي محڪمہ آثار قديمہ کي حضرت عثمان ذي النورين ؓ جي عهد جو نسخو ايراني ڪردستان جي ضلع آرمان جي هڪ ڳوٺ نخل جي مسجد مان هٿ آيو. ان نسخي کي عجائب خانہ تهران ۾ حفاظت سان رکيو ويو آهي. انهي محڪمي کي 1930ع ۾ هڪ ٻيو نسخو سيدنا علي ڪرم الله وجهه جي هٿ سان لکيل ڪوفي خط ۾ هٿ آيو ان نسخي کي بہ تهران ۾ عجائب خانہ آثار ۾ حفاظت سان رکيو ويو آهي.

قرآن مجيد جو هڪ نسخو سيدنا امام حسين ؓ پنهنجي دست مبارڪ سان لکيو هو ان جا چار سو صفحا آهن اهو هرڻ جي کل تي لکيل آهي ان کان علاوه ننڍي سائز تي امام زين العابدين ؓ جو لکيل نسخو بہ آهي. انهن ٻنهي نسخن جي ورقن جا عڪس 1345 هہ ۾ تهران جي اخبار ۾ شائع ٿيا هئا.

امام حسين ؓ جي لکيل نسخي جا ورق امير تيمور کي سلطان بايزيد جي ڪتب خانہ مان مليا هئا جن کي تيموري بادشاهن حفاظت سان رکيا.

1857ع ۾ اهي ورق بهادر شاہ قبضي ۾ وٺي انگريز ولايت ڏانهن اماڻيا مگر ٽي ورق رهجي ويا جيڪا اڄان تائين دهلي ۾ موجود آهن.

محمد سليمان طاهر انيڙ

# توحيد ۽ شرڪ

دنيا جي سنسار ۾ سيدنا آدم ۽ ان جي اولاد کي، خدا تعاليٰ پنهنجو خليفو، نائب ۽ جانشين بڻائي پيدا ڪيو آهي. کيس عقل جي نعمت سان نوازي صحيح ۽ غلط جي نکيڙ ڏني وئي. ان کان علاوه "ارادو ۽ اختيار" ڏيئي کيس سموري مخلوق کان برتر بڻائي هڪ ذميوار شخصيت جي حيثيت ۾ دنيا ۾ پيدا ڪيل شين جو وارث قرار ڏيندي انهن ۾ تصرف ڪرڻ ۽ انهن مان نفعو حاصل ڪرڻ جو حقدار بڻايو ويو آهي.

دنيا ۾ صحيح زندگي گذارڻ، الله تعاليٰ سان رابطي رکڻ ۽ ايندڙ مڪمل زندگي لاءِ تياري ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ مڪمل هدايت ۽ رهنمائي جو پڻ انتظام ڪيو ويو. هر هڪ قوم ڏانهن هڪ هادي برحق موڪليو ويو (لکل قوم هاد) ڪيترن قومن ڏانهن هڪ کان وڌيڪ ۽ مختلف وقتن ۾ اڻ ڳڻ مصلح ايندا رهيا انهن قومن جي ٻولين ۾ وحي الاهي ذريعي تعليم ۽ سکيا جو بندوبست ڪيو ويو. تان تہ اڳتي هلي هڪ مڪمل رهبر ۽ مڪمل ڪتاب هدايت جو انتظام ڪري اهو سلسلو هميشہ لاءِ بند ڪيو ويو.

مڪمل رهبر سيدنا محمد ﷺ آهي ۽ مڪمل ڪتاب قرآن مجيد آهي. مڪمل رهبر جي نبوت ۽ رسالت سيني قومن ۽ معاشرن ۽ ايندڙ وقت جي انسانن تائين پکڙيل آهي. سندن تعليم ۽ پيغام ۾ گذريل سمورن مصلحين جي دعوت کي سموهيو ويو آهي. قرآن مجيد سمورن مذهبن، ڪتابن ۽ شريعتن جو جامع ۽ متوازن خلاصو آهي. دنيا جي سمورن انسانن تائين، آخري پيغمبر ﷺ ۽ آخري ڪتاب اهائي ڳالهہ پهچائي آهي جيڪا اڳ ئي انهن وٽ هئي. فرق صرف ايترو آهي جو زماني جي گذرڻ سان ڪجهہ ڳالهيون ميٽجي ويون ڪجهہ ميٽايون ويون. ڪجهہ نيون ڳالهيون وڌيون ويون، ڪجهہ انسانن خالص توحيد ۾ شرڪ جي ملاوٽ ڪئي. ڪن دنيا طلبي ۾ احڪامن ۾ مٽا سٽا ڪئي. آخري هدايت جي ڪتاب، انهن سيني شين کي پنهنجي اصلي رنگ ۾ پيش ڪري، اعتدال ۽ توازن جو عمدو مثال قائم ڪيو. هن وقت دنيا جي سيني انسانن کي هٺ ڌرمي، حسد ۽ غلط فهمين کي ڪڍي فقط عقل ۽ شعور کي سامهون رکندي، غور، فڪر ۽ سوچ سان پاڻ کي سنواري، انهن ڳالهين کي قبول ڪرڻ گهرجي. جيڪي سڀ



انهن جون پنهنجون آهن.

تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ (آل عمران. ٦٤)

دنيا جا سمورا مذهب، ڪتاب ۽ مصلحين هڪ گڏيل پروگرام ۽ دعوت تي متفق آهن. اها ڳالهہ ثابت ٿيل آهي تہ اهي سمورا هڪ مرڪز وجود سان مربوط آهن. سيني جو لاڳاپو الله سبحانہٗ وتعاليٰ جي وجود اقدس سان آهي. الله تعاليٰ جي توحيد، ان کي هڪ سمجهڻ ۽ ان سان ڪنهن کي ڀائيوار نہ سمجهڻ تي بہ سمورا متفق آهن فقط غلط تعبير، غلط فهم ۽ غلط سوچ سبب شرڪ ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن هو ٿورو بہ غور ۽ فڪر ڪن ۽ دليل سان قائل ٿيڻ لاءِ آماده ٿي وڃن تہ شرڪ جي ڪابہ گنجائش نہ ٿي رهي سگهي. نبين، ولين، اوتارن ۽ مصلحين جون مورتون پنهنجن هٿن سان ٺاهي، انهن کي سجدا ڪرڻ يا کين نفعي ۽ نقصان جو مالڪ سمجهڻ، اها عقل جي گهٽتائي آهي. هر انسان ڏسي پيو ۽ محسوس پيو ڪري. هڪ هندو، عيسائي ۽ ٻڌ ڌرم وارو ڇا سمجهي نہ رهيو آهي تہ هن دنيا جي تصرفات ۾، ۽ دنيا جي سمورن وهنوارن ۾ انهن مورتن جو ڪهڙو دخل آهي؟ سڀ ڪجهہ انسان پنهنجي خالق جي ڏنل عقل ۽ شعور سان تصرف ڪري رهيو آهي. پوءِ انهن عملن ۾ پٿر جي مورتين جو ڪهڙو ڪردار؟

افسوس آهي تہ انسان، ظاهر پرست آهي، قدرت جي مظاهر ۾ الجهي هو پنهنجي حيثيت ۽ خودي کي وڃائي ويٺو آهي. توحيد پرست انسان، شرڪ جي اٿاهہ انڌيرن ۾ ٿاڦوڙا کائي رهيو آهي. شرڪ جي شيطاني عمل جهڙي طرح دنيا جي اڳين قومن، مذهبن ۽ مصلحين جي پيروڪارن کي گمراهي جي رستي ڏانهن ڌڪيلي ڇڏيو. اهڙي طرح بدقسمتي سان هي امت مسلمہ بہ انهيءَ شيطاني عمل کان متاثر ٿيندي وڃي ٿي. اڳين قومن جي گمراهي شرڪ جي سبب ٿي، قومن تي عذاب بہ شرڪ جي سبب آيا، خدا تعاليٰ جي ناراضگي بہ شرڪ جي جي ڪري ٿئي ٿي. جهنم جو دائمي عذاب بہ شرڪ ڪرڻ سبب ٿيندو. شرڪ جهڙي انهيءَ شيطاني عمل جو امت مسلمہ ۾ رواج پوڻ هڪ افسوسناڪ ۽ اچرج جهڙي ڳالهہ آهي. خالص توحيد جي وارث هن امت ۾، قرآن مجيد جي موجودگي ۾، پيغمبر اسلام جن جي چٽين هدايتن جي باوجود شرڪ جهڙي لعنت جو رائج ٿيڻ، اهل توحيد لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي.

سرڪار ختمي مرتبت ﷺ جن پنهنجي وصيت پاڪ ۾ فرمايو هيو تہ:

"اتخذوا قبورهم مسجداً"

انهن نبين جي قبرن کي سجدهہ گاهہ بڻايو.

اڄ بہ هن امت مسلمہ جا ڪي ٽولا ۽ گروه انهيءَ شرڪ جي لعنت ۾ گرفتار ٿي چڪا آهن ۽ افسوس تہ شرڪ جي تبليغ پڻ ڪري رهيا آهن. نبين، ولين،

نيڪ ٻانهن جي قبرن تي سجدا ڪرڻ، انهن کي مصيبتن ۾ پڪارڻ، انهن کي نافع ۽ ضار سمجهڻ، انهن جي تقرب حاصل ڪرڻ لاءِ نذرون، نياز ۽ ٻاسون ڪرڻ انهن کي حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهڻ ۽ انهن سان اهڙو رويو رکڻ جيڪو فقط الله سبحانهُ وتعاليٰ سان مؤمن جو هجڻ گهرجي. اهي سڀ شيطاني عمل خالص شرڪ آهن. مسلمانن کي ڪلي طرح انهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. شرڪ جي خلاف زوردار تحريڪ شروع ڪرڻ گهرجي ۽ اها تحريڪ دنيا جي سمورن قومن تائين هئڻ گهرجي تان ته امت مسلمه پنهنجو فرض پورو ڪرڻ ۾ حق بجانب ٿئي.

## قرآن حڪيم ۾ بيان ڪيل توحيد جا ٽي پهلو

قرآن مجيد ۾ توحيد جا ٽي پهلو بيان ڪيا ويا آهن:

* توحيد في الربوبيت * توحيد في الصفات * توحيد في العبادت

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ﴿١﴾ مَلِكِ النَّاسِ ﴿٢﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ﴿٣﴾ (الناس، 1_3)

* اي پيغمبر چئو ته، مان انسانن جي (اڪيلي) پالڻهار جي پناهه ۾ اچان ٿو. (توحيد في الربوبيت)
* انسانن جي (اڪيلي) حاڪم جي پناهه ۾ اچان ٿو. (توحيد في الصفات)
* انسانن جي (اڪيلي) معبود جي پناهه ۾ اچان ٿو. (توحيد في العبادت)

هنن آيتن جو مفهوم هيءُ آهي ته:

* انسانن جي اڪيلي پالڻهار جي پالڻهاريءَ وارن قانونن تي هلڻ سان انسان سڀني تنگين ۽ آزارن کان سندس حفاظت واري دائري ۾ اچي وڃي ٿو.
* انسانن جي اڪيلي حاڪم ۽ تصرفات جي مالڪ جا حڪم مڃڻ ۽ ان جي ٻڌايل ضابطن تي هلڻ سان انسان سڀني غلامين ۽ ڏاڍاين کان سندس حفاظت واري دائري ۾ اچي وڃي ٿو.
* انسانن جي خلقڻهار ۽ سنڀاليندڙ اڪيلي معبود کي ئي عبادت جا سڀ حق حاصل آهن. ان جي عبادت ڪرڻ سان انسان هن دنيا ۾ توڙي آخرت ۾ سڀني آفتن ۽ اهنجاين کان ان جي حفاظت واري دائري ۾ اچي ٿو.

هيءُ پيغمبر انسانيت جي ذريعي الله جي مڃيندڙن کي قرآن جي هدايت جو آخري پيغام آهي، جيڪو سڄي قرآن جو جڙ ته تت آهي. قرآن جي ٻين سڀني قانونن وانگر هنن ضابطن ۾ به ڪا رعايت ڪونهي. جيڪو به ربوبيت جو رستو ڇڏيندو، اهو مالڪ جي محبوبيت ڏانهن وڌي ڪونه سگهندو ۽ تنگيون ۽ آزار سندس پڇر ڪونه ڇڏيندا. جيڪو به الله جي ٻڌايل ضابطن تي عمل ڪان لنوائيندو ته نه ان جي ذات ۽ مرتبن جي ارتقا ٿيندي، نه الله تعاليٰ وٽ سندس ڪا چڱائي قبوليت جو سبب بڻبي ۽ نه وري خارجي زندگيءَ جون ڪشادگيون سندس حصي ۾ اچي سگهنديون. جيڪو به عبادت جي حق کي ان لاءِ خاص نه ڪندو ته اهو پنهنجي تخليقي مقصد کي وڃائي ويهندو ۽ ٻنهي جهانن جي سعادتن کان محروم رهندو.



نور احمد ميمڻ

# انسانيت کي توحيد جي طرف وٺي اچڻ جي عملي صورت

جيئن جيئن سائنس ترقي ڪئي آهي تيئن تيئن سائنسدانن جا الله جي وجود تان شڪ شبها ختم ٿيا آهن. آئن اسٽائن (وفات 1955ع) تي ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو سائنسي دماغ مڃيو وڃي ٿو. آئن اسٽائن ڪائنات جو تفصيلي مطالعو ڪيو ته ان جي نتيجي ۾ هُن ڪائنات جي هر حصي ۾ حيرتناڪ حد تائين مقصديت (Meaning) ڏٺي. انهن ڏسائن کي ڏسي هن بي اختيار ٿي چيو ته فطرت جي جهان جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ سمجهه ۾ ڳالهه ايندڙ هي آهي ته اها سمجهه ۾ ايندڙ آهي.

The most in comprehensible fact about nature
is that it is comprehensible.

آئن اسٽائن پنهنجي انهيءَ قول ۾ اڻ سڌي طرح خدا جي وجود جو اقرار ڪري رهيو آهي.

آئن اسٽائن ڪانپوءِ فزڪس جي دنيا جو شهنشاهه دماغ اسٽيفن هاڪنگ، جنهن کي نظرياتي سائنس ۾ سڀ کان وڏو زنده سائنسدان مڃيو وڃي ٿو هن پيچيده رياضياتي حساب سان ثابت ڪيو ته صرف هڪ طاقت آهي، جيڪا پوري ڪائنات کي ڪنٽرول ڪري رهي آهي. هاڪنگ جو اهو نظريو هينئر تعليم يافته طبقي ۾ هڪ مڃيل حقيقت ليکجڻ ۾ اچي ٿو. عام زبان ۾ ان کي سنگل اسٽرنگ نظريو (Single String Theory) سڏيو وڃي ٿو.

اهو سنگل اسٽرنگ نظريو جڻ ته هڪ خدا (توحيد) جي عقيدي جي حق ۾ هڪ سائنسي بنياد فراهم ڪري ٿو ۽ هينئر توحيد جي مذهبي عقيدي کي هڪ مڃيل علمي حقيقت جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.

انهن سائنسي حقيقتن هينئر الله تعاليٰ جي وجود جي باري ۾ سوالن کي ميساري ڇڏيو آهي، هاڻي جيڪڏهن اهڙا سوال ڪٿي اُڀرجن ٿا ته اهي جاهلن جي ٽولي مان اُڀرجن ٿا. علمي ۽ باشعور ماڻهو هينئر ڪائنات ۽ انسان جي پيچيده تخليق جي خلقڻهاريءَ لاءِ هڪ خالق ۽ هڪ خدا جي وجود تي ائين ئي يقين رکن ٿا جيئن ٻين سائنسي حقيقتن تي.

هينئر علمي ۽ باشعور ماڻهن ۾ هڪ بيو تفرقاتي سوال جنم وٺي رهيو آهي ته "جيڪڏهن خدا جو وجود به آهي ته پوءِ انساني دنيا ۾ ايتريون وڏيڪ برائيون چو آهن؟" انسانن جا ايترا نفسي مسئلا چو آهن. ظلم ۽ ڏاڍ جو هر طرف راڄ چو آهي؟ اهڙي طرح هينئر دنيا جي اڪثر باشعور ماڻهن کي اسلام جي باري ۾ ڪي شڪ شبها ناهن ته هي ڪو آسماني دين ناهي!. پر ساڳي وقت هي ڳالهه دنيا جي انهن اڪثر باشعور ماڻهن کي پريشان ڪندڙ آهي ته "اسلام جهڙي اعليٰ مذهب جي باوجود ان جي مڃيندڙن ۾ ايترو بگاڙ ۽ زوالپذيري چو آهي؟"

جيستائين علمي ۽ باشعور ماڻهن جي پهرين تعجب جو تعلق آهي، ان سلسلي ۾ هي ڳالهه پڌري پٽ آهي ته موجوده دور ۾ مذهب جي پوئلڳن خيالي رسمن ۾ ڦاسي مذهب جي اصل روح کي انسانن ۾ لاهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي. الله تعاليٰ جي پاران انسان کي خلقي ان کي ڌرتي تي پنهنجو نائب بنائڻ جي مشيت ڇا هئي. ڌرتيءَ جون ڪهڙيون حسناڪيون الله تعاليٰ کي گهربل هيون ۽ هن ڌرتيءَ جي حسناڪين جون لازمي نتيجي ۾ انسان کي ابدي حسناڪيون ڪيئن عطا ٿيڻيون هيون.

دين اسلام جيڪو انسانيت کي مذهبن جو آخري ايڊيشن ٿي مليو ان جا پوئلڳ پنهنجي پيغمبر جي طريقي تي جيڪڏهن انساني دنيا ۾ برائين جو وجود ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جو راڄ جي خاتمي جو منصب سنڀالي وٺن ته جيڪر سچي انسانيت ان جو اثر پذيري هيٺ اچي وڃي.

اهڙي طرح جيستائين علمي ۽ باشعور ماڻهن جي ٻئي تعجب جو تعلق آهي ته مسلمانن جي دعوتي حلقن انسانيت جي آڏو اسلام ۽ مسلمانن جي وچ ۾ فرق کي پڌرو ڪري پيش نه ڪيو آهي. هتي مسلمانن جي مختلف قومن تاريخ ۾ جيڪي ڇيڳرايون اختيار ڪيون آهن. اهي سڀ مسلمانن جي اسلامي ورثي طور انسانن ڏانهن منتقل ٿيون آهن.

انهيءَ ڪري هن دور ۾ هي ڳالهه بيحد اهميت سان مسلمان داعين جي لاءِ ضروري ٿي بڻجي ته اهي دنيا ۾ مسلمان حڪمرانن جي عمل ۽ اسلامي فڪر جي فرق کي واضح ڪري پهچائن. اهڙي طرح روايتي دين جي بجاءِ قرآن جي پيش ڪيل دين کي انسانيت جي آڏو هِن دنيا ۾ حقيقي رهبر ڪري پيش ڪن ۽ پاڻ ان جو عملي مظهر بڻجي ڏيکارن ته موجوده دور جي سچي انسانيت پنهي ويسورن مان ٻاهر نڪري ايندي. انسانيت کي پنهنجي هڪ خدا يعني توحيد جي طرف وٺي اچڻ جي اهائي عملي صورت آهي.



**مولانا سعيد احمد اڪبرآبادي** رحمه الله
سنڌيڪار: مولانا عبدالسلام سومرو

# فڪري قوت جي اهميت

دنيا جي تاريخ ۾ اهو واقعو ڪيڏو نه حيرت ۾ وجهندڙ ۽ عبرت جهڙو آهي ته ڪنهن زماني ۾ مسلمانن سوچ ۽ ويچار کان به متي ٽپي دنيا ۾ ايڏي وڏي ترقي ڪئي ۽ پنهنجن ڪارنامن جا نشان اهڙي طرح چٽيا جو دنيا جون قومون انهن جي عظمت ۽ بلندي جي سامهون جهڪي ويون ۽ مڃڻ لڳيون ته مسلمانن جي هن جماعت سان ملي وڃڻ ۾ اسان جي خوش قسمتي ليکي ويندي. پر اڄ صورتحال بدلجي وئي آهي، مسلمانن جي معاشرن ۾ غربت، بدحالي، جهالت ۽ غلامي جا ڪارا ڪکر ڇائنجي ويا آهن. سندن اتحاد ۽ يڪجهتي اختلاف ۽ انتشار جو شڪار آهي. انهن جي محفلن مان علم، شعور، غور ۽ ويچار موڪلائي ويو آهي، انهن مان ايجاد، تخليق، ناهڻ، آباد ڪرڻ ۽ سرسبز بڻائڻ جو سليقو ختم ٿي چڪو آهي ان بجاءِ تقليد، غلامي آباء پرستي ۽ ماضي تي پڙهڻ ۽ انهن هيروز جا ڪارناما ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ تائين پاڻ کي ڦاسايون ويٺا آهيون. جن تاريخ جي روشن دور ۾ مسلمانن جي شروعات ڪئي هئي. سياسي قوت ۽ قومن جي رهنمائي جي راز کان اڻ ڄاڻ مسلمان، هن وقت ڳاڻاٽي ۾ ته وڏو انگ بڻجي ويا آهن. ڪيترن ئي ملڪن جون واڳون سندن قبضي ۾ آهن پر علم، عمل، يقين، اخلاق، خوشحالي، آزادي ۽ خودمختاري کان پوري طرح محروم آهن بلڪ ان معاملي ۾ شديد بدنصيبي جو شڪار آهن.

تاريخ جو مطالعو ڪندڙ هڪ عام ماڻهو به ڄاڻي ٿو ته سرڪار رسالت مآب ﷺ جن جي وصال مبارڪ کان پوءِ جلد ئي مسلمان جزيرة العرب جي خطي کان ٻاهر نڪري دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڦهلجي ويا ۽ سخت مقابلن ۽ جنگين جي باوجود اهڙي طرح غالب ٿيندا ويا ۽ توحيد جا شمعدان، شرڪ جي انڌيرن کي پائمال ڪندا ويا. جو پهرين صدي هجري ۾ ئي مسلمانن اوڀر ۾ سنڌ ۽ ترڪستان تائين ۽ اولهه ۾ اندلس تائين اسلامي حڪومتون قائم ڪيون ۽ صدين کان غلامي ۾ ڦاٿل انسانن کي آزادي جي نعمت سان سرفراز ڪيو. نه فقط سياسي قوت ۽ طاقت جا مالڪ بڻيا پر اسلام جي فطري عادلانه ۽ اخلاقي تعليم جي بنياد تي انسانيت سازي جو هڪ نئون ڪلچر وجود ۾ آيو ان کان پوءِ دنيا ۾ علم، فن، ايجاد، ناهڻ ۽ جوڙڻ جو نئون رنگ انسانيت ڏٺو ۽ اهڙا عقل کي حيران

ڪندڙ ڪارناما ظاهر ٿيندا ويا جو متعصب ۽ حسد رکندڙ تاريخدان به انهن واقعن کي ميٽا ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهن. مگر... هاڻوڪي مسلمانن جي حالت ابتڙ ٿي چڪي آهي زندگي جي هر شعبي ۾ انهن تي بي بسي ۽ بي وسي ڇانيل آهي علم ۽ عمل جي هر ميدان ۾ هو پوئتي ٿيندا پيا وڃن. ڪٿي اڻڄاڻائپ ۽ ناداني آهي، ڪٿي دشمن قومن جي غلامي جو طوق پائڻ ۾ فخر محسوس ٿي رهيو آهي. پنهنجي شناخت ۽ سڃاڻپ ايتري قدر گم ٿي وئي آهي جو پهرين دور جي مسلمانن جو جانشين چوائڻ ۾ پنهنجو پاڻ تي ڪل پئي اچي.

ايڏي وڏي تبديلي اچڻ کان پوءِ تاريخ جي فلسفي کي ڄاڻندڙ انسان يقيني طرح انهن سببن کي ڄاڻڻ جي تلاش ڪندو جنهن ڪري مسلمانن ۾ ايڏو وڏو ڦيرو اچي ويو.

انهن سببن جي جاچڻ کان اڳ مختصر طرح انهن بنيادي ڪارڻن کي ڄاتو وڃي جن جي ڪري مسلمانن کي ايڏي وڏي عظيم الشان ترقي حاصل ٿي ۽ جنهن جي ڪري هو دنيا جي هڪ صالح ۽ فلاح واري امت بڻيا.

ڄاڻو ماڻهو سمجهن ٿا ته انسان ۾ ٻه قوتون هونديون آهن هڪ سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جي قوت، جنهن کي فڪري قوت چئبو آهي. اها قوت دنيا جي شين جي حقيقت ۽ ماهيت کي تلاش ڪندي آهي. اها قوت هر عمل ۾ تحقيق ۽ ريسرچ ڪندي آهي ۽ ان ۾ خير ۽ شر کي ڏسندي آهي ۽ پوءِ فيصلو ڪندي آهي ته ڪهڙو عمل بهتر آهي ۽ ان کي ورتو وڃي ۽ ڪهڙو عمل بڇڙو آهي ان کي ڇڏيو وڃي. فڪري قوت جي ان فيصلي کان پوءِ ٻي قوت عملي آهي اها قوت اڳين فيصلي جي مطابق ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪندي آهي. انهن ٻنهي قوتن جو تعلق انسان جي نفس سان آهي. هڪ قوت مبدء ادراڪ آهي (ڄاڻ جي شروعات) ۽ ٻي قوت مبدء تحريڪ (يعني چرپر جو عمل) وري انهن ٻن قوتن جي هيٺان مختلف قوتون آهن جيڪي پنهنجي اثر جي دائري ۽ عمل جي ميدان ۾ ڪم ڪن ٿيون. فلسفه اخلاق جو بنياد انهن ٻنهي قوتن جي چرپر، ترغيب ۽ تقاضائن تي قائم آهي. انهن قوتن جي بي اعتدالي سبب گهٽتائي ۽ واڌاري ۾ اچي اهي قوتون مبتلا ٿين ٿيون ۽ ذليل اخلاقن جو ظهور ٿئي ٿو ۽ جڏهن انهن قوتن ۾ اعتدال هوندو آهي ته بهتر اخلاق جو ظهور ٿئي ٿو.

اخلاقيات ۾ جنهن کي حڪمت چئبو آهي اها شيءِ انهن ٻن قوتن جي تڪميل جو نالو آهي ۽ اها حڪمت انسان جي اشرف ۽ افضل هجڻ جي بنياد بڻجي ٿي. ان ڪري زندگي انفرادي هجي يا اجتماعي، ان جي ڪاميابي ۽ ترقي جو مدار ان ڳالهه تي آهي ته شخصي يا قومي قوت فڪري ۽ قوت عملي ٻئي صحتمند هجن. گهٽ وڌائي کان پري هجن، وچ ٿرائي تي قائم رهي ڪنهن شيءِ



جي سٺي ۽ بڇڙي هئڻ کي ڪنهن عمل جي ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ متعلق، اهو رويو اختيار ڪن جيڪو اعتدال تي مبني هجي.

جيئن هڪ فرد ۾ قوت فڪري ۽ قوت عملي هوندي آهي ٺيڪ ان طرح ڪنهن قوم جو مزاج به ايئن آهي ان ۾ به هڪ قوت فڪري هوندي آهي جنهن جي آئيني ۾ هو جهان جي شين کي ڏسندي آهي انهن جي خوبين ۽ خرابين کي پرکيندي آهي ۽ ان طرح قوت عملي به ان ۾ گڏيل هوندي آهي جنهن سبب پوري قوم گڏجي هڪ متفق فيصلي کي عمل ۾ آڻيندي آهي. ان وقت پوري قوم جا عقيدا ۽ عمل هڪ هم آهنگي ۽ هڪ جهڙائپ ۾ گڏجي ويندا آهن سڀني جو مرڪز نگاهه هڪ ٿي ويندو آهي. پوءِ جڏهن ڪابه قوم ان مقصد، نصب العين هيٺ ڪنهن منزل کي مقرر ڪندي ته ان کي حاصل ڪري وٺندي ۽ دنيا جي ڪابه طاقت ان جي مقابلي ڪرڻ کان عاجز ٿي ويندي. اهوئي اهو بنيادي فلسفو آهي جيڪو پهرين دور جي مسلمانن ۾ پيدا ٿيو ۽ ان مطابق انهن حيرت انگيز ڪارناما تاريخ ۾ ثابت ڪيا.


## سنڌي ٻوليءَ ۾ فڪري قوتن کي سگهارو ڪندڙ ڪتاب

**تفسير الهام الرحمٰن: منتخب سورتون**
حڪيم الاسلام امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي

**ام القرآن** (سورت فاتحه جو تفسير)
امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد

**شريعت جا اسرار** (شرح حجته الله البالغه)
حڪيم الاسلام امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي

**صدين جون صدائون**
امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد

**شاهه ولي الله جي تعليم**
پروفيسر غلام حسين جلباڻي

**مذهب جو فلسفو**
حڪيم الاسلام امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي

**مڪمل سيٽ جي قيمت: =/700 روپيا**

V.P.P ذريعي گهرائڻ لاءِ سنڌيڪا اڪيڊمي، B_24، نيشنل آٽو پلازا مارسٽن روڊ، ڪراچي 74400 فون: 021_32737290
روبرو ملڻ جا هنڌ: سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071_5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر 1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو فون: 03468960942

# بصيرت جون ڳالهيون

## بادشاهي نظام

دنيا ۾ بادشاهي گهراڻن تي نظر وجهو. جيڪي زور زبردستي سان پاڻ کي سيني کان مٿاهون سمجهن ٿا. هنن اهڙا اختيار، حق، ايڏا نت نانگر ۽ ايڏي دولت ڦٻائي آهي جيڪا ٻين وٽ ڪانهي. هنن سان ملڪ جو ڪوبه قانون لاڳو ڪونهي. هنن تي ڪورٽ ۾ ڪابه دعويٰ داخل نه ٿي ڪري سگهجي. هنن کي جيڪي وٽي سو ڪندا وتن، ڪابه ڪورٽ هنن جي خلاف سمن نٿي ڪڍي سگهي. هنن جي خلاف ڪنهن مظلوم کي داد فرياد ڪونه ملندو. سڀ ماڻهو ڏسن پيا ته هي غلطيون ڪن پيا، سنگين ڏوهه اهي ڪري رهيا آهن پر صدين کان چيو وڃي ٿو ته ”بادشاهن تي الله جو پاڇو آهي ۽ هي پاڪ پوتر آهن“ ماڻهو به اها ڳالهه مڃيو وڃن ته هي ديوتائن وانگر سيني کان مٿاهان آهن. انهن آڏو ٻانهون ٻڌيو ڪنڌ جهڪايو ڊپ ۾ پٽ ٻٽيو بيٺا آهن. جڻ ته زندگي، موت ۽ رزق هنن بادشاهن وٽ آهي. اهي بادشاهه رعيت جي پئسي کي هڙپ ڪري، پنهنجون محلاتون جوڙين ٿا، ذاتي جهاز رکن ٿا، تفريحون ۽ عياشيون ڪندا رهن ٿا. هنن جي ڪتن کي به اهڙيون سهولتون ميسر آهن جو عام انسان کي حاصل نه آهن. هي برهمڻ ۽ پير، نواب ۽ رئيس، جاگيردار ۽ زميندار، سردار ۽ پوتار، شاهوڪار ۽ وياج خور، اهي سمورا ظاهر طبقا پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري عوام جو استحصال ڪري رهيا آهن. هي پاڻ کي ڇا انسان سمجهن ٿا؟ هي پاڻ کي پاڪ پوتر ۽ ٻين عام انسانن کي ناپاڪ تصور ڪن ٿا. هي شريف ٻڄي ويا باقي سمورا ڪميڻا. هي مٿاهان آهن ٻيا سڀ نيچ. هنن جي عياشين، نفساني خواهشن تي عوام جي جان مال عزت آبرو قربان ٿي رهي آهي.

حڪمران طبقو وري اڳ اڳرو آهي. ماڻهن کي پنهنجو غلام بڻائي، پاڻ کي اتم انسان پيا سمجهن. ان جو علاج فقط اهو آهي ته انسان جا ناهيل قاعدا ۽ قانون درياهه برد ڪيا وڃن. فقط الاهي قانون جنهن ۾ هڪ انسان کي ٻي انسان جي برابر ليکيو ويو آهي، ان مطابق ڪائنات جو نظام هلايو وڃي. ”فڪ ڪل نظام“ هر طاغوتي نظام کي مڪمل طرح ٽوڙيو وڃي.



## بي انصافي ڇو ٿي ٿئي؟

انسان، ڪنهن هڪ شخص، هڪ خاندان يا هڪڙي قوم جو نالو ڪونهي. سڄي دنيا جا انسان پوءِ به انسان آهن. سڀني انسانن کي زنده رهڻ جو حق آهي. ڪين اهو به حق حاصل آهي ته سندن سموريون ضرورتون پوريون ٿين. سمورا انسان امن ۽ انصاف ۽ شرافت ۽ عزت جا حقدار آهن. انساني خوشحالي جو مطلب اهو ڪونهي ته رڳو هڪڙو شخص هڪڙو خاندان يا ڪا هڪڙي قوم سکي ستابي هجي پر سڀ انسان سکيا ستابا هجن. جيڪڏهن هڪڙو انسان سکيو هجي ۽ ڏهه انسان سورن ۾ هجن ته چئبو ته انسان خوشحال ناهي. پلائي چئبوئي ان ڳالهه کي آهي جنهن ۾ سڀني انسانن جو ڀلو هجي ڪنهن هڪ قوم يا ڪنهن هڪ طبقي جي ڀلائي کي ”ڀلائي چوڻ ئي غلط آهي هاڻي اهو سوال سامهون ايندو ته انسان جي خوشحالي ۽ ڀلائي ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿي؟“

فطري ڳالهه آهي ته اها شيءِ تڏهن ظاهر ٿيندي جڏهن انصاف وارو قانون عمل ۾ اچي، اهڙو قانون فقط اها شخصيت بڻائي سگهي ٿي جنهن جي نظر ۾ سمورا انسان برابر هجن. سڀني انسانن جا حق انصاف سان اهوئي بڻائي سگهي ٿو جنهن جو پنهنجو ڪو ذاتي مطلب نه هجي. جنهن کي ڪنهن هڪ خاندان، طبقي، يا ڪنهن هڪ قوم جي مفاد سان دلچسپي نه هجي جيڪو نه ڪنهن هڪ جو دوست ۽ ٻئي جو دشمن هجي. نه وري پنهنجي ذاتي خواهش جي ڪري لڳي نه ڪنهن جو پاسو وٺي نه وري ڪنهن جي سفارش تي عمل ڪري، فقط ان رويي سان سڀني انسانن، گروهن، قومن ۽ طبقن سان مڪمل انصاف ٿي سگهي ٿو. پوءِ اوهان کي ان تي اتفاق ڪرڻو پوندو ته اهڙو ٻي ريا انسان ملڻ ته مشڪل آهي. يقيني طرح اهو شان ۽ اهو مقام ۽ مرتبو فقط الله سبحانهُ وتعاليٰ جو آهي.

ان ڪري سمورا انسان جيڪڏهن الاهي قانون کي پنهنجي لاءِ راهه عمل بڻائين ۽ ان قانون مطابق رياست جو نظام ترتيب ڏين ۽ ان قانون تي سچائي سان عمل ڪندا رهن ۽ حڪمرانن کي ان قانون تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندا رهن ۽ احتساب جو غيرجانبدار عمل نگراني ڪندو رهي ته يقيني طرح دنيا ۾ ظلم جو خاتمو عدل جو قيام ۽ انسان ذات جي خوشحالي ۽ ڀلائي وارو منظر سامهون اچي سگهي ٿو.

# حالتون ڪيئن سڌارجن؟

ھھڙي اونداهي ۾ اسان لاءِ روشني جو هڪ ڪرڻو آهي. يعني هتان جا سمورا ماڻهو خراب نه ٿي ويا آهن. گهٽ ۾ گهٽ چار پنج سيڪڙو اهڙا ماڻهو ضرور لڀندا جيڪي بداخلاقي جي هن وبا کان بچيل هجن. هي اها موڙي آهي جنهن سان سڌاري جو ڪم شروع ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ پهريون قدم اهو کڻڻو آهي ته انهن نيڪ ماڻهن کي ڳولي ڦولهي گڏ ڪجي. اسان جي بدقسمتي اها آهي ته بدي منظم آهي. ۽ پنهنجو ڪم باقاعدگي سان ڪري ٿي ليڪن نيڪي منظم ڪانهي. نيڪ ماڻهو موجود ته آهن مگر ڇڙوڇڙ آهن. انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ۽ هڪ ٻئي ڏانهن اچ وڃ ڪانهي. وٽن ڪوبه پروگرام ڪونهي نه ئي ڪو گڏيل آواز اٿارين ٿا. آس پاس جون برائيون ڏسي ڪنهن بندي کان رڙ نڪريو وڃي مگر جڏهن ڪٿان به سندس حمايت ۾ ڪو آواز نٿو اٿي ته هو مايوس ٿي ويهي ٿو رهي. ڪڏهن ڪو شخص ڪلي طرح آواز بلند ڪندو آهي ته بدڪار ماڻهو سندس آواز بند ڪرڻ لاءِ سمورا حيلا هلائيندا آهن. حق پسند ماڻهو فقط ماٺ ماٺوڙي ۾ سندس تعريف ڪندا آهن. پر اڳتي وڌي ڪردار ادا ڪرڻ کان ڪيٻائيندا آهن. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته هن ملڪ تي ڪو عذاب نازل نه ٿئي ته جيڪي نيڪ انسان اخلاقي بيمارين کان بچيل آهن، انهن کي گڏ ڪري گڏيل قوت سان بڇڙائي جي هن سيلاب جو زوردار مقابلو ڪريون جيڪو روزاني اسان کي هلاڪت ڏانهن گهليندو پيو وڃي.

اوهان ان ڳالهه کان نه گهٻرايو ته نيڪ ماڻهو اقليت ۾ آهن. اهي ئي ٿورا ماڻهو پنهنجي شخصي ۽ اجتماعي عمل ۾ سچائي، انصاف، حق پسندي، خلوص، ديانت ۽ استقامت سان پختا ٿي بيهي وڃن ۽ زندگي لاءِ هڪ بهترين پروگرام به وٽن موجود هجي ته پڪ ڄاڻو ته بدي جا لشڪر ڪيڏا به وڏا ڇو نه هجن مقابلي ۾ بيهي نه سگهندا. انساني فطرت بدي ۽ فتني کي پسند نٿي ڪري، هو دوکو ته کائي سگهي ٿي مگر هميشه لاءِ ڪوڙ ۽ بدديانتي تي قائم نه ٿي رهي سگهي. شرط هي آهي ته انسانيت جي فلاح ۽ ڀلائي چاهيندڙن کي ميدان ۾ موجود هجڻ گهرجي ۽ ڀرپور جاکوڙ لاءِ سر جو سانگو لاهي پوئتي ڏسڻ واري عادت هميشه لاءِ ڇڏڻ گهرجي.



**مولانا اخلاق حسين قاسمي**
اختصار: مولانا عمران الله سومرو

# دين جي تجديد جي تحريڪ ۽ شاهه ولي الله رحمة الله عليه

امام شاهه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه جي دور ۾ شروع ٿيندڙ دين جي تجديد جي تحريڪ جا علمي ۽ فڪري اهڃاڻ سمجهڻ لاءِ ان جي تاريخي پس منظر جو ڄاڻڻ ضروري آهي.

اورنگزيب جي وفات (1707ع) کان پوءِ مغل سلطنت جي زوال جون نشانيون ظاهر ٿيڻ شروع ٿي چڪيون هيون. جيڪي لڳ ڀڳ ڏيڍ سو سالن جي عرصي ۾ مغل حڪومت جي ڀڄاڻي جي صورت ۾ پنهنجي نتيجي تي پهتيون.

هي رڳو ڪنهن حڪومت جو پورو ٿيڻ نه هيو بلڪ هن سان مغل تهذيب، اسلامي روايتون ۽ بهترين مضبوط قدر پڻ فنا ٿي ويا. ڏيڍ سو سالن جو هي دور يارهن مغل شهنشاهن جي عياشيانه زندگي، سياسي اٿل پٿل اندروني سازشن، ٻاهرين حملن، معاشي بدحالي اخلاقي ڇڙواڳي ۽ تهذيبي زوال جهڙا منظر پنهنجي ڪک ۾ سانديو وينو آهي. جنهن تي هڪ مورخ هنن لفظن لکڻ تي مجبور ٿيو پوي ته ”عمل ۽ ترقي جي قوت کان محروم هيءَ صدي زوال پرستي کي بطور هڪ لازمي نتيجي جي قبول ڪيون ويٺي آهي.“ پر تعجب جهڙي ڳالهه هي آهي ته اهڙي سياسي ابتري جي باوجود مسلمانن جي علمي زندگيءَ تي زوال نظر نٿو اچي. عام معاشرو تقليدي، رسمي ۽ رواجي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجڻ جي باوجود هڪ خاص طبقي ۾ ذهني پختگي ۽ فڪري قوت چٽي طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان دور ۾ به علمي مرڪز دهلي ۽ لکهنؤ (ولي الاهي خاندان ۽ فرنگي محلي جا عالم) دين جي سڌاري ۽ سماجي اخلاقيات کي سنوارڻ جا فريضا ادا ڪندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان سان گڏ ٻين شهرن ڪلڪته، خيرآباد، مدراس ۽ بدايون ۾ به علم جي لاٽ ٻرندي نظر اچي پئي.

مطلب ته اجتماعي طور تي يا انفرادي طرح شهر شهر ڳوٺ ۾ تعليم، تربيت، تصنيف، تاليف، شعر ۽ ادب ۽ هدايت ۽ نيڪي جي مشغلي جا سلسلا جاري هئا حقيقت ۾ مسلمانن جي فڪري تاريخ جي لحاظ کان ان دور کي مذهب ۽ تهذيب جي اصلاح، علمن ۾ نواڻ آڻڻ جي اعتبار سان نشاة ثانيه جو دور چئي سگهجي ٿو.

قدامت پسندي روايت پرستي ۽ تقليدي جمود جو لڳاتار عمل جنهن

فڪري ڪشادگي ۽ اجتهاد جو دروازو بند ڪري ڇڏيو هو. اهو هاڻي ڪلي چڪو هو. اهل علم دين جي صحيح تصور کي اجاگر ڪرڻ سان علمن کي محفوظ ڪري رهيا هئا. نون خيالن ۽ فڪرن جي پيڙهه پئجي رهي هئي.

ان دور ۾ سيني عام ۽ خاص ماڻهن اهو سمجهي ڇڏيو هو ۽ مذهبي، سماجي تمدني ۽ تعليمي ترقي سندن عملي جاکوڙ سان ئي ڳانڊاپيل آهي. اهو تصور ايندڙ فڪري انقلاب ۽ عملي جذبي لاءِ رستو هموار ڪري رهيو هو.

اورنگزيب جي وفات کان پوءِ جيڪو اخلاقي بحران ۽ سياسي بيچيني پيدا ٿي چڪي هئي. ان کي سڀ کان پهرئين شاهه صاحب جهڙي ذهين ترين انسان سمجهي ورتو. ان جي حقيقي سببن کي اجاگر ڪندي ان بحران تي قابو پائڻ لاءِ منصوبہ بندي شروع ڪري ڇڏي. هن ذڪي الفهم عالي دماغ نرم دل ۽ انقلابي ذهنيت رکندڙ شخص هيءَ ڳالهه سمجهي ڇڏي هئي تہ شهنشاهيت جي هن مطلق العنان دور جي خاتمي لاءِ ضروري آهي تہ ان جي مقابلي ۾ هڪ همہ گير ۽ مڪمل نظام حيات پيش ڪيو وڃي. ان لاءِ شاهه صاحب هڪ پروگرام تشڪيل ڏنو اقتصادي، سياسي، مذهبي، فوجي ۽ سماجي قانون مرتب ڪيا، جن کي اختيار ڪري هڪ بهترين معاشرو قائم ڪري سگهجي پيو.

حقيقت ۾ هي هڪ ذهني ۽ فڪري انقلاب لاءِ قدم هيو. جيئن تہ سيد ابوالحسن علي ندوي لکي ٿو تہ: ”هن تحريڪ ۾ اصلاح سان گڏ علمي ۽ فڪري رنگ بہ چٽي طرح نظر اچي ٿو. هن جي دائري ۾ درس، تعليم، تصنيف، تاليف، تربيت ۽ اصلاح، معقول ۽ منقول ۾ تطبيق، مذاهب اربعہ ۾ انصاف پسندي، شرعي احڪامن جي حڪمتن کي ظاهر ڪرڻ، مقاصد شريعت جي وضاحت ڪرڻ، روايت ۽ ڪوري تقليد کان پاسو ڪرڻ پنهنجي بالغ نظري ۽ عالي دماغ سان ملت اسلاميہ جي تشخص ۽ تحفظ لاءِ منصوبہ بندي ڪرڻ، هندستان ۾ اسلام ۽ اسلامي حڪومت جي بقا لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ سڀ کان اهم هيءَ ڳالهه تہ ايندڙ وقت جي عقلي تقاضائن کي سامهون رکندي انهن سڀني مسئلن ۽ فڪرن کي علما جي طبقي ۾ منتقل ڪرڻ جون عملي ڪوششون اچي وڃن ٿيون.“

توڙي جو شاهه صاحب رحہ جو فڪر ۽ نظريو سندن زماني ۾ پريس جي نہ هجڻ ڪري عام طور تي پکڙجي نہ سگهيو پر پاڻ جيڪي تعليم ۽ تربيت جا مرڪز (مدرسہ رحيميہ دهلي، تڪيہ شاهه علم الله رائي بريلي) قائم ڪري ويا هئا. انهن شاهه صاحب جي نظرين کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏيو. شاهه صاحب جي فرزند شاهه عبدالعزيز (1746ـ 1824ع) سندن فڪر ۽ نظريي کي عملي طور تي نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن خاندان هن انقلابي پروگرام کي عوامي سوچ ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو.



هن تجديد دين جي تحريڪ نظرياتي ۽ عملي اعتبار سان تاريخ تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. هن تحريڪ معروضي حالتن جي تقاضائن مطابق علما جي ٽولي ۾ علمي ۽ عملي انقلاب پيدا ڪيو. انهن ۾ اهڙو جذبو بيدار ڪيو جو اهي ملوڪيت سان ٽڪر کائڻ ۾ اٿي پيا. فوجي صورت ڪٽي نہ بہ هئي پر اهي انسان خدائي خدمتڪار بڻجي ملڪ ۾ ذهني، فڪري عملي انقلاب آندو. دهلي تي هن تحريڪ جو اثر تقريبا اڌ صديءَ تائين رهيو. هن تحريڪ جي اصلاحي ۽ انقلابي درجابندي ڪئي وڃي تہ ان کي پنجن محاذن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

پهريون ذهني ۽ فڪري محاذ: علم، ادب، تهذيب ۽ ثقافت تي فڪر جي لحاظ کان ۽ تصوف ۾ شدت ۽ مذهبي تنگيءَ جي لحاظ کان جيڪي ايراني اثر ڇانئجي چڪا هئا. انهن کي ختم ڪري صحيح اخلاقي تعمير ڪرڻ هن جو اهم حصو هو.

ٻيو فوجي محاذ: جيڪو جهاد جي اصول تي قائم رهيو. يعني اهڙي مقدس جنگ جنهن ۾ انسان ڪنهن عظيم نصب العين لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. توڙي جو شاهه اسماعيل شهيد (ف 1830ع ۽ سيد احمد شهيد (ف 1830ع جي رهبري ۾ هن محاذ ۾ ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو. پر پوءِ بہ ان جا اثر انگريزن سان نفرت ۽ جنگ جي صورت ۾ موجود رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ 1857ع جي آزاديءَ جي جدوجهد ٿي ۽ پوءِ ان جا اثر 1947ع تائين قائم رهيا.

ٽيون سياسي محاذ: جنهن ۾ گذريل سياسي تبديلين جو حقيقت پسنديءَ سان جائزو وٺي ايندڙ وقت لاءِ بهترين تدبيرون ڪرڻ ۽ صحيح اسلامي اصولن تي هڪ مستحڪم رياست قائم ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪرڻ شامل آهي.

چوٿون اقتصادي محاذ: هي ڪڏهن عملي طور تي پنهنجي آب و تاب سان وجود ۾ نہ اچي سگهيو. پر هن ۾ جيڪا اسلامي اصولن کي سامهون ڪري اقتصادي نظام جي تعمير ڪئي وئي اهي بعد ۾ مارڪس ۽ اينجلز جي سيڪيولر نظرين ۾ ان جي جهلڪ ضرور نظر اچي ٿي.

پنجون معاشرتي محاذ: جنهن جي اشاعت شاهه اسماعيل شهيد جي ڪتابن ۽ سيد احمد شهيد جي روحاني زندگي سان ٿي. هيءَ ڪڙي شاهه صاحب کان شروع ٿيندي شاهه عبدالعزيز (ف 1824ع) شاهه اسحاق (ف 1846ع) جي واسطن سان مولانا محمد قاسم نانوتوي تائين پهچي ٿي. جنهن جي علمي ۽ عملي ڪوششن جي ذريعي مسلمانن ۾ هڪ خاص فڪر ۽ نظريي جي پيڙهه پئي. جنهن جو نالو ديوبند آهي. ان طرح هاڻي تائين شاهه ولي الله دهلويءَ رحہ جي تحريڪ احياء دين جو سلسلو هلندو پيو اچي. ان ۾ ڪوبہ وڏائُ ڪونهي تہ هي دور شاهه صاحب جي فڪر جو دور آهي ان فڪر ذريعي اسلام جي نشاة ثانيہ ٿي سگهي ٿي.

مولانا عبداللطيف نانگراج
حڪمت قرآن انسٽي ٽيوٽ

# عادل معاشي نظام جي اهميت ۽ ضرورت

درحقيقت انسان جو معاشي مسئلو ايترو ئي قديم آهي جيترو انسان جو پنهنجو وجود. پنهنجن ضرورتن جو احساس ۽ انهن جي تڪميل لاءِ جدوجهد ڪرڻ انسان جي فطرت جو حصو آهي.

الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪري هن پوري ڪائنات کي رزقا للعباد (ٻانهن لاءِ رزق جو انتظام ڪرڻ) جي قدرتي مهر لڳائي ۽ انسان ۾ اهڙن قدرتي قوتن جو خزانو و ديعت رکيائين ته جيئن انسان پنهنجو رزق حاصل ڪري سگهي ۽ پنهنجن معاشي سهولتن لاءِ هن ڪائنات مان بالواسطه يا بلاواسطه نفع حاصل ڪري ۽ گڏ انهيءَ طلب ۽ جدوجهد کي فضل الله (الله جي نعمت) جهڙي محترم نانءَ سان موسوم ڪري.

سواءِ للسائلين (تلاش ۽ جستجو ڪرڻ وارن لاءِ برابر آهي) جهڙن الفاظن سان پنهنجي رحمت کي عام ڪري ڇڏيائين. ڪائنات جي هن ڪارخاني ۾ طبعي طور تي هي جذبو هر انسان ۾ موجود آهي ته خدا تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان بهره مند ٿئي. پر هي انفرادي جذبو پنهنجي عملي جدوجهد ۾ يقيناً هڪ تقابل ۽ ڪشمڪش جي فضا کي جنم ڏئي ٿو. تنهن ڪري انساني سوسائٽي ۾ هڪ صالح معاشي نظام جي ضرورت پيدا ٿئي ٿي ته جيئن ان تقابلي ڪشمڪش کي توازن ۾ رکجي. فطرت جي آثارن انسانن کي ڏگهي تجرباتي تسلسل ۾ عقل جي بنياد تي هيءَ ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي. ته ڪنهن به معاشري جي ڀلائي ۽ تمدني ترقي جو راز هڪ صالح معاشي نظام ۾ ئي پوشيده آهي. جيستائين انسان معاشي طور تي مستحڪم رهي ٿو ته ان جي تمام اعمال ۾ اعتدال رهي ٿو ۽ جيئن ئي انسان جي معاشي حالت خراب ٿئي ٿي ته ان جي تمام شعبن ۾ انتشار ۽ افرادن ۽ ادارن ۾ هڪ ڪشمڪش جي فضا پيدا ٿئي ٿي، پوري سوسائٽي ۾ اخلاقي انارڪي ڦهلجڻ لڳي ٿي. نتيجي طور اهو معاشرو اخلاقي لحاظ سان تباهه ٿيڻ سان گڏ تمدن ۾ به حقيقي ترقي نه ڪندو.

انسان ٻن طبقن ۾ تقسيم ٿي وڃي ٿو هڪ طبقو خود غرضي سرمائيدار، عيش پسند، متڪبر، مغرور ۽ قاروني خصلتن جهڙو. ٻيو ٽولو غريب، لاچار، مفلس محنت ڪش مزدور ۽ بربريت واري زندگي بسر ڪندڙ. ٻنهي طبقن جا



مقاصد عليحده عليحده مفادات جدا جدا ۽ ٻنهي جا نظريا الڳ الڳ ٻنهي طبقن جي باهمي ڪشمڪش ۽ تصادم جي ڪري دنيا تمام وڏي بحران مان گذري رهي آهي. ٻنهي طبقن جي چڪتاڻ معاشي ظلم جي هولناڪ منظرن کي ڏسي چڪي آهي. جيڪي سرمائيدارانه ۽ اشتراڪيت جي صورت ۾ دنيا جي تختي تي ظاهر ٿيا. اسلام هڪ اهڙو صالح معاشي نظام پيش ڪري ٿو جنهن اخوت، باهمي رواداري عام خوشحالي سان گڏ معاشري جي طبعي ترقي به پنهنجي فطري تسلسل سان قائم رهي ٿي.

اسلام فرد ۽ جماعت جي درميان توازن قائم ڪري هڪ اهڙي سوسائٽي جو تصور پيش ٿو ڪري جنهن ۾ هر شخص پنهنجي استعداد ۽ صلاحيت مطابق پنهنجي شخصيت جي نشونما ڪندي ترقي ڪري پنهنجي حدڪمال وڃي حاصل ڪري. پر گڏوگڏ فرد کي اقتصادي جدوجهد ۾ بي لغام ۽ ڪليل ڇوٽ کي به سختي سان منع ٿو ڪري جنهن جي ڪري فرد پنهنجي خواهشات ۽ ذاتي مفادات جي خاطر اجتماعيت لاءِ باعث نقصان ٿئي ۽ فرد جون ڪوششون ۽ سرگرميون اجتماعيت لاءِ تنگي جو سبب بڻجن. اسلام فردن کي اجتماعيت جو خادم تصور ڪري انهن کي مفاد عامه جي لاءِ تيار ڪري ٿو. فردن جي حلال ذريعن سان حاصل ڪيل دولت تي حقوق ملڪيت تسليم ڪندي انهن کي اجتماعي مقاصد لاءِ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو. اسلام معاشيات کي دولتمندن جي وچ ۾ نفعي جي ڊوڙ نٿو بڻائي بلڪ ان کي تمدني ترقي ۽ افاديت عامه جو ذريعو قرار ڏئي ٿو. بقول ابوالڪلام آزاد:

> گویا اسی نظام معیشت میں بلاشبہ زیادہ سے زیادہ کمانیوالے موجود ہوں گے، کیونکہ سعی و کسب کے بغیر کوئی مؤمن زندہ ہی نہیں رہ سکتا۔ لیکن جو فرد جتنا زیادہ کمائے گا اتنا ہی زیادہ انفاق پر مجبور بھی ہو گا۔ اس طرح افراد کی کمائی جتنی بڑھتی جائیگی اتنی ہی جماعت بحیثیت جماعت کے خوشحال ہوتی جائیگی قابل اور مستعد افراد زیادہ سے زیادہ کمائیں گے، لیکن اپنے ہی لیے نہیں کمائیں گے، تمام افراد قوم کیلئے کمائیں گے۔ یہ صورت پیدا نہ ہو سکے گی کہ ایک طبقہ کی کمائی دوسرے طبقوں کیلئے محتاجی و مفلسی کا پیام ہو جائے۔ (ترجمان القرآن ج2و132)

درحقيقت اسلام جي معاشي پاليسي "قل العفو" (ضرورت کان وڌيڪ حاصل ڪيل مال معاشري تي خرچ ڪرڻ) ۽ ليس للانسان الا ماسعي (انسان کي جدوجهد جو ثمر ملڻ گهرجي) ۽ الغنم بالعزم (مالي فائدو انهن کي ملڻ گهرجي جيڪي مشقت برداشت ڪن) باهمي تعاون ۽ اشتراڪ عمل جهڙن اصولن تي قائم ڪئي وئي آهي. جنهن سان محنت ۽ سرمايي ۾ توازن قائم رکندي هڪ

بهترين ۽ عام خوشحال سوسائٽي قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اسلام ڪسب معاش جي اهڙن تمام ذريعن ۽ طريقن کي ناجائز قرار ڏئي ٿو جنهن جو سرمايو چند هٿن ۾ گردش ڪري جيڪي ذريعا معاشري جي اجتماعي اخلاق کي فاسد ٿا ڪري ڇڏين اسلام معيشت جي اهڙي جدوجهد کي بہ حرام قرار ڏئي ٿو جنهن ۾ هڪ شخص جو فائدو ٻين انسانن لاءِ سوسائٽي ۾ تنگي جو سبب بڻجي. پئسي تي پيسو ڪمائڻ، ناجائز منافع خوري رشوت، چوري جوا ۽ (ڌوڪي ۽ ٺڳي سان مال حاصل ڪرڻ) جي معاملن کي جيڪي باهمي نزاع جنگ وجدل جو سبب بڻجن ٿا ۽ جن مان بخل خود غرضي ذاتي مفاد، لالچ ۽ حرص جهڙيون قبيح خصلتون جنم وٺن ٿيون. ناجائز قرار ڏئي ٿو. (اسلام سود (وياج) احتڪار (ذخيره اندوزي) ۽ اڪتناز (زراندوزي) کي حرام ٿو ڪري جيڪي معاشي ظلم ۽ استحصال جو باعث بڻجن ٿا. اهڙن تمام لين دين جي طريقن کي ختم ٿو ڪري جيڪي عام انساني فلاح جي بجاءِ مخصوص طبقي جي استبداد کي قائم ڪن ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ محنت ۽ معيشت جي جائز جدوجهد بہ بيڪار ٿي پوي. اسلام طبعي توازن کي قائم رکندي تمام ڪائنات ذي روح کي حق معيشت ۾ مساوي حيثيت ڏئي سمورن انسانن کي الله جي نعمتن ۽ قدرتي وسيلن مان مستفيد ٿيڻ جو برابر طور تي حق عطا ڪري ٿو.

اسلام هن ڳالهہ کي سختي سان منع ٿو ڪري تہ قومي وسائل دولت ۽ ملڪي ذرائع آمدني تي معاشري جو مخصوص ٽولو پنهنجي اجاره داري ۽ بالادستي قائم ڪري ٻين کي پنهنجي طبعي حق کان محروم ڪري ڇڏي. اسلام دولت کي گڏ ڪرڻ يا اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ جيڪي سرمايي کي ڦهلجڻ بدران ان کي چند مالدارن جي هٿ ۾ بند ڪري ڇڏن تانجو ٻيا افراد انهن جي رحم ۽ ڪرم جا محتاج ٿيو پون سختي سان روڪي ٿو ۽ دولت کي محدود فردن ۾ گڏ ڪرڻ جي بدران ان کي معاشري جي تمام فردن تائين پهچايو وڃي تہ جيئن ان مان هر هڪ انسان پنهنجي آزادي ۽ عزت نفس سان گڏ مستفيد ٿي سگهي.

اسلام جي اقتصادي پاليسي کي جيڪڏهن مقصد جي لحاظ کان گهري نظر سان ڏنو وڃي ۽ عملي نتائج جي نقطہ نظر سان ان جو تحقيقي جائزو ورتو وڃي تہ هي ڳالهہ چٽي طرح نظر ايندي تہ ان جي معاشي تنظيم ۽ تشڪيل ۾ هن ڳالهہ کي مقصد (نصب العين) يا آئيڊيا جي حيثيت حاصل آهي تہ معاشري جي هر هڪ فرد کي بقدر ضرورت سامان معاشي، رزق، مال هرحال ۾ آسانيءَ سان ميسر ڪيو وڃي ۽ سوسائٽي جي تمام فردن کي رزق ۽ مال حاصل ڪرڻ جا موقعا مساوي طور تي مهيا ڪيا وڃن.



اها الله تعاليٰ جي مشيت آهي تہ ڌرتي جي مٿان ان جي مخلوق مان هر ڪنهن کي رزق جا مناسب وسيلا مهيا هجن. امام شاهہ ولي الله ﷫ صالح انساني معاشري جي تشڪيل جي لاءِ اها ڳالهہ بيحد ضروري قرار ڏئي ٿو تہ جيئن الله جا ٻانها رزق ۽ روزگار جي ٻي اعتدالين واري ڏيڻ ۾ ڦاٿل نہ هجن ۽ ان ذهني انتشار کان آجا هجن تہ جيئن انهن ۾ سماج جو ڪارائتو ۽ مفيد فرد بنجڻ جا موقعا پيدا ٿي سگهن. اهي وڏا انساني بار پنهنجي مٿان کڻي هڪ طرف پنهنجي ماڻهپو مڪمل ڪري سگهن ۽ ٻئي طرف پنهنجي خالق سان عبديت جو عهد نڀائڻ جا وسيع موقعا ماڻي سگهن.

## خواهشن کي خدا بنائيندڙ ماڻهو

”ڇا تو ان ماڻهوءَ جي حال تي غور ڪيو آهي، جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو معبود بڻايو آهي. (نتيجي ۾) ان کي سمجهہ هوندي به الله (پنهنجي قانونن پٽاندڙ) ڪيس گمراهہ ڪيو ۽ سندس ڪنن ۽ سندس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي اکيا چاڙهيائين. پوءِ ڪير ان کي الله کان پوءِ هدايت ڪري سگهي ٿو. ڇا توهان پوءِ بہ نصيحت حاصل نہ ڪندؤ؟“ (الجاثيه- ٢٣)

قرآن مجيد شرڪ جي هيءُ غيرمحسوس شڪل ٻڌائي پنهنجي مڃيندڙن لاءِ هن طريقي سان مشرڪ بڻجڻ جي واٽ بہ بند ڪئي آهي. پنهنجي خواهشن کي خدا بنائي وٺڻ جو مسئلو ايڏو نفيس آهي جو اڪثر حالتن ۾ خود اهو مذهبي رنگ اختيار ڪري وٺندو آهي.

ماڻهو پنهنجي خواهشن جي پوئواريءَ ۾ پانت پانت جي طريقن سان پنهنجي ديندار هئڻ جا جتن ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهن جا گروهہ ٻين گروهن جي مٿان پنهنجون غرضون ۽ خواهشون مڙهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ايتري تائين جو ماڻهوءَ جو قلب خود بتخانو بڻجي ويندو آهي. ماڻهو اهڙين حاصلاتن جي ڪيڏ طواف ڪرڻ شروع ڪندو آهي، جن لاءِ خدا جي ٻڌايل ضابطن ۾ چڱي منع ڪيل هوندي آهي. ماڻهوءَ جون سڌون ان هنڌ تي وڃي پڄنديون آهن جو ان جي لاءِ جائز ۽ ناجائز جي ڪابہ سرحد باقي نہ رهندي آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهن جا گروهہ ۽ قومون بہ پنهنجي انهن خواهشن جي تڪميل ۾ انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي ويندين آهن.